روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) اربع 22 فيبروري 2023ع بمطابق پهرين شعبان المعظم 1444هه (قيمت 10 روپيا) شمارو 270

نيب چيئرمين استعيفيٰ ڏئي ڇڏي، ڪنهن جي خلاف ڪوڙو ڪيس نٿو هلائي سگهان: آفتاب سلطان

تمام خوش ۽ مطمئن آهيان ته پنهنجي اصولن کي برقرار رکيو ڪنهن به دٻاءَ اڳيان نه جهڪيس، پنهنجي زندگي ۽ پيشوارانه ڪيريئر ۾ قانون موجب ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

مان اصولن تي ڪڏهن به سمجهوتو نه ڪيو، اسان جو آئين اسان جي سيني مسئلن جو حل ٻڌائي ٿو، آئين تي عمل نه ڪرڻ جي ڪري اسان معاشي ۽ سياسي بحران جو شڪار آهيون

سياسي عمل ۾ چونڊن جو تسلسل ضروري آهي، نيب جي نوجوان آفيسرن تي يقين آهي ته اعليٰ اخلاقي قدرن ۽ قانون جي حڪمران جي اصولن کي برقرار رکندا

مان ڪنهن جي به خلاف ڪوڙو ڪيس نٿو هلائي سگهان، نه ئي ڪنهن جي خلاف ڪو ڪيس رڳوان ڳالهه جي ڪري ختم ڪري سگهان ته جوابدار ڪنهن سهڪاري شخصيت جو مٽ مائٽ آهي

نيب ۾ 90 سيڪڙو ماڻهو سٺا آهن، رڳو هڪ سيڪڙو ماڻهن ۾ مسئلو آهي، آئون نه ڪجهه ڪٽي آيو هئس ۽ نه ئي ڪٽي وڃان ٿو

نيب چيئرمين آفتاب سلطان وزيراعظم کي ملاقات ۾ چيو ته هو هن ماحول ۾ ڪم نٿو ڪري سگهي: ذريعن جي دعويٰ

اسلام آباد (م ر د) چيئرمين قومي احتساب بيورو (نيب) آفتاب سلطان نيب هيڊ ڪوارٽر ۾ پنهنجي الوداعي خطاب ۾ چيو ته چيئرمين جي عهدي تان استعيفيٰ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي، هن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته تمام خوش ۽ مطمئن آهيان ته پنهنجي اصولن کي برقرار رکيو ڪنهن به دٻاءَ اڳيان نه جهڪيس، پنهنجي زندگي ۽ پيشوارانه ڪيريئر ۾ قانون موجب ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. آفتاب سلطان
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

صوبي ۾ ڪنهن کي به هٿيارن جي نمائش جي اجازت نه ڏني ويندي: شرجيل ميمڻ

رجسٽريشن کانسواءِ گاڏي وڪرو ڪندڙ شوروم مالڪن خلاف ايڪشن ڪنيو ويندو، اوپن رجسٽرڊ گاڏي جي مالڪ کي به گرفتار ڪيو ويندو

ڪي پي او تي حملي کانپوءِ سنڌ سرڪار اهم فيصلا ڪيا آهن، گاڏين جي رجسٽريشن بابت اڳواٽ موجود قانون تي سختي سان عمل ڪرايو ويندو

سنڌ حڪومت نٿي چاهي ته عوام کي تڪليف پهچائي وڃي، ان لاءِ هڪ هفتي جو وقت ڏنو آهي، بهتر اهوئي آهي ته عوام انهن شين کي پاڻ ئي ٺيڪ ڪري وٺي

اسان وٽ هٿيارن جي نمائش جو به وڏو مسئلو آهي، وڏي وزير هدايت ڪئي آهي ته ڪنهن کي به هٿيارن جي نمائش جي اجازت نه ڏني وڃي، جعلي نمبر پليٽ استعمال ڪندڙن خلاف به ايڪشن ڪنيو ويندو

پوليس ۽ رينجرز جي اهلڪارن کي به صرف وردي ۾ هٿيار کڻي ڪري هلڻ جي اجازت هوندي، وردي جي بغير ڪنهن اهلڪار کي به هٿيار پاڻ سان کڻي ڪري هلڻ جي اجازت نه هوندي

خانگي گاڏين تي سنڌ حڪومت ۽ حڪومت پاڪستان جي جعلي نمبر پليٽس استعمال ڪيون وينديون آهن، انهن خلاف پڻ سخت ڪارروائي ڪئي ويند: سنڌ سوءِ واري صوبائي وزير جون سنڌ اسيمبلي سيشن ۾ ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات واري وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته هٿيارن جي لائسنس واري قانون ۾ هٿيارن جي نمائش جي هرگز اجازت ناهي، لائسنس قانون موجب هٿيارن کي ڪنسيلڊ ڪري رکڻو آهي، ڪنهن کي اجازت ناهي ته گاڏين جي ڊالن ۾ هٿيارن جي نمائش ڪري معاشري ۾ خوف پکيڙي. هن چيو ته گاڏين جا مالڪ ۽ اوريجنل نمبر پليٽس گهر ۾ رکي ۽ جعلي نمبر پليٽس
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف پاور لوڊ مئنجمينٽ جي عملدرن سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪمند جو في مڻ اگهه 450 رپيا مقرر ڪرڻ جو فيصلو

ڪمند جي اگهن ۾ واڌ جي منظوري لاءِ سنڌ ڪابينا کي سمري موڪلي ويندي: منظور وساڻ

ڪمند جي قيمت 450 روپيا في مڻ ڪرڻ سان آبادگارن کي فائدو ٿيندو

ڪراچي (م ر د) سنڌ حڪومت جو ڪمند جي نئين اڃڻ واري فصل جي امدادي قيمت 450 روپيا في مڻ مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جنهن
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ترڪيا ۽ شام جي بارڊر تي هڪ ڀيرو ٻيهر زلزلي جا زوردار جهٽڪا

انقرا (م ر د) ترڪيا ۽ شام جي بارڊر تي هڪ ڀيرو ٻيهر زلزلي جا زوردار جهٽڪا آيا آهن. پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽن موجب ترڪيا جي ڏاکڻي علائقن ۾ زلزلي جا شديد جهٽڪا محسوس ڪيا ويا آهن. رپورٽن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ترڪ ۽ شام جي
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سکر ۾ 575 پوليس اهلڪارن جون پگهارون بند

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ آءِ جي سنڌ جي حڪم تي 575 پوليس اهلڪارن جون پگهارون بند ڪيون ويون آهن. آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ جي حڪمن تي عمل نه ڪندڙ اهلڪارن جون ايس ايس پي سکر پگهارون بند ڪيون آهن. ايس
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڪراچي: سنڌ جي وڏي وزير جي سيڙپڪاري ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ بابت خاص مددگار سيد قاسم نويد قمر کي بريفنگ ڏني پئي وڃي

سنڌ جي توانائي واري وزير امتياز شيخ خرم دستگير کي خط لکي ڇڏيو

ملڪ ماحولياتي تبديلين ۽ جي برعڪس بجلي برداشت نه ٿو ڪري سگهي: امتياز شيخ

سنڌ ۾ 25 مان صرف هڪ سولر پاور پراجيڪٽ جي مقابلي لاءِ چونڊيو آهي: لکليل خط جو متن

سيني کي خبر آهي ته سنڌ قابل تجديد ۽ متبادل توانائي جي وسيلن سان مالا مال صوبو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي توانائي واري وزير امتياز احمد شيخ جو توانائي واري وفاقي وزير خرم دستگير کي خط ملڪ هن وقت مهانگي بجلي، صحت لاءِ نقصانڪار ماحولياتي تبديلين ۽ جي برعڪس بجلي برداشت نه ٿو ڪري سگهي ۽ سنڌ جي سج جي روشني ڪان سستي، شفاف ۽ ماحول دوست توانائي جي منصوبن کي مقابلي واري آڇ ۾ شامل ڪيو وڃي. پنهنجي خط ۾ امتياز شيخ وڌيڪ چيو ته توانائي بابت ڪابينا ڪميٽي (CCoE) ۽ انٽيگريٽيڊ ڪيپيسيٽي ايڪسپينشن پلان (IGCEP) موجب
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سنڌ اسيمبلي پاران سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيڻ وارو ٺهراءُ منظور

پ پ ايم پي اي هير سوهو مادري ٻولي جي عالمي ڏينهن تي سنڌي ٻوليءَ کي پيتا پيش ڪرڻ وارو ٺهراءُ پيش ڪيو

هي ايوان سنڌي لئنگويج اٿارٽي جي عالمي ڪانفرنس ڪوئاٽن تي پيتا پيش ڪري ٿو: ٺهراءُ جو متن

خانگي اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي جي استادن کي سنڌي ٻولي سيکارڻ نه ٿي اچي: سردار شاهه

ڪراچي (م ر د) سنڌ اسيمبلي سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيڻ وارو ٺهراءُ منظور ڪري ورتو آهي پ پ ايم پي اي هير سوهو مادري ٻولي جي عالمي ڏينهن تي سنڌي ٻوليءَ کي پيتا پيش ڪرڻ وارو ٺهراءُ پيش ڪيو. جنهن جي متن ۾ چيو ويو ته هي ايوان سنڌي لئنگويج اٿارٽي جي عالمي ڪانفرنس ڪوئاٽن تي پيتا پيش ڪري ٿو. ٺهراءُ ب پ ايم پي اي ماروي فصيح به پيش ڪيو. جنهن ۾ چيو ويو ته موهن جي دڙو مان پڻ لکت ملي ٿي جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته پنج هزار سال اڳ به لکت موجود هئي، هن ٺهراءَ وسيلي مطالبو آهي ته سنڌي ٻولي سميت سمورين مادري ٻولين کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي. هير سوهو چيو ته سنڌي تهذيب پنج هزار س
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

توشا خانا ڪيس: نيب عمران خان کي زال سوڌو طلب ڪري ورتو

عمران خان ۽ سندس گهرواري کي نوَ مارچ تي صبح جو نيب راولپنڊي ۾ طلب ڪيو ويو آهي: ذريعا

نيب جي نوٽيس ۾ عمران خان کان توشا خانا کان ورتل ست تحفن بابت پڇيو ويو آهي

توشا خانا ڪيس ۾ ست مارچ تي پي ٽي آءِ اڳواڻن پرويز خٽڪ ۽ شاهه محمود قريشي کي به طلب ڪيو ويو آهي: نيب ذريعا

راولپنڊي (م ر د) قومي احتساب بيورو (نيب) توشا خانا ڪيس جي جاچ لاءِ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بيبي کي نوَ مارچ تي طلب ڪري ورتو آهي. ذريعن موجب عمران خان ۽ سندس گهرواري کي نوَ مارچ تي صبح جو نيب راولپنڊي ۾ طلب ڪيو ويو آهي. نيب جي نوٽيس ۾ عمران خان کان توشا خانا کان ورتل ست تحفن بابت پڇيو ويو آهي. نوٽيس ۾ شامل تحفن ۾ ڇهه رولڪس واچن بابت پڇاڻو ڪيو ويو آهي. انڪانسواءِ قطري هٿياربند فوج جي چيف آف اسٽاف جي ڏنل هڪ آءِ فون بابت به سوال
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سيد قاسم نويد قمر پاران ملير ايڪسپريس وي جو تفصيلي دورو، هدايتون جاري

ملير ايڪسپريس وي پراجيڪٽ جو آبپاشي کاتي سان لاڳاپيل معاملا جلد کان جلد حل ڪيا وڃن: سيد قاسم نويد قمر

منصوبي جي مقرر مدت ۾ مڪمل ڪرڻ لاءِ سمورن مسئلن کي وقت تي حل ڪرڻ سنڌ حڪومت جي ترجيحات ۾ شامل آهي

ڪراچي (رپورٽر) وزيراعليٰ سنڌ جو سيڙپڪاري ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ بابت خاص مددگار سيد قاسم نويد قمر چيو آهي ته ملير ايڪسپريس وي سنڌ حڪومت جو هڪ نهايت اهم منصوبو آهي ۽ ان منصوبي جي مقرر مدت ۾ مڪمل ڪرڻ لاءِ سمورن مسئلن کي وقت تي حل ڪرڻ سنڌ حڪومت جي ترجيحات ۾ شامل آهي. هن هدايتون ڏنيون ته ملير ايڪسپريس وي جي آبپاشي کاتي سان لاڳاپيل معاملن کي جلد کان جلد حل ڪيو وڃي. هي هدايتون هن ملير ايڪسپريس وي جي تفصيلي دوري جي موقعي تي ڏنيون. هن آبپاشي کاتي جي چيف انجنيئر ڪوٽڙي بيراج ۽ ٻين لاڳاپيل انجنيئرن ۽ ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ يونٽ اسد ضامن سا
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پي ٽي آءِ جو اسپيڪر کي خط، مخالف ڌر اڳواڻ جي تبديلي جو مطالبو

عامر ڏوگر طرفان مخالف ڌر اڳواڻ جي تبديلي لاءِ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف کي خط لکيو ويو

لاهور هاءِ ڪورٽ ميمبرن جي استعيفائن تي پابندي مڙهي ڇڏي آهي: خط جو متن

ويهه سيپٽمبر تي لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کانپوءِ پي ٽي آءِ مخالف ڌر جي وڏي پارٽي آهي

نيب قانونن تحت نيب جي چيئرمين جي مقرري جي لاءِ مخالف ڌر اڳواڻ ۽ ايوان جي اڳواڻ جو ڪردار هجي

اسلام آباد (م ر د) تحريڪ انصاف قومي اسيمبلي ۾ اپوزيشن اڳواڻ جي تبديلي لاءِ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کي خط لکي ڇڏيو آهي. تحريڪ انصاف اڳواڻ عامر ڏوگر طرفان اپوزيشن اڳواڻ جي تبديلي لاءِ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف کي خط لکيو ويو آهي جنهن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته لاهور هاءِ ڪورٽ قومي اسيمبلي ميمبرن جون استعيفائون ڪالعدم
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

آڊيو ليڪ: بار ڪائونسلز پاران سپريم ڪورٽ جي جج خلاف ريفرنس داخل ڪرڻ جو اعلان

سپريم ڪورٽ جي جج جي خلاف ايندڙ هفتي ۾ سپريم ڪورٽ جوڊيشل ڪونسل ۾ ريفرنس داخل ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو

اسلام آباد بار ڪائونسل جي چيئرمين ۽ ميمبرن جوڊيشل ڪونسل کي سڏ ڏنو آهي ته هاڻوڪي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪري: حسن رضا پاشا

اجلاس ۾ اتفاق راءِ سان فيصلو ڪيو ويو آهي ته سپريم ڪورٽ جي جج خلاف سڀ جو سڀ بار ڪائونسلز الڳ الڳ ريفرنس فائل ڪنديون

اسلام آباد (م ر د) سڄي ملڪ جي بار ڪائونسلز گڏيل ڏينهن ۾ پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز الاهي جي آڊيو ليڪ واري معاملي تي سپريم ڪورٽ جي جج جي خلاف ايندڙ هفتي ۾ سپريم ڪورٽ جوڊيشل ڪونسل ۾ ريفرنس داخل
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

قاسم علي شاهه آرٽس ڪائونسل جو چيئرمين مقرر

مشهور اسڪالر قاسم علي شاهه کي ٽن سالن لاءِ مقرر ڪيو ويو

قاسم علي شاهه موٽيويشنل اسپيڪر ۽ اسڪالر آهي

لاهور (م ر د) قاسم علي شاهه کي لاهور آرٽس ڪائونسل جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو آهي ۽ اهڙو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. مشهور اسڪالر
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

مشهور اسڪالر قاسم علي شاهه

اليڪشن ڪميشن ۾ مشاورتي اجلاس، عارف علوي طرفان اماڻيل خط تي غور

آئين ۽ قانون ۾ ڪٿي به اهو لکيل ناهي ته چونڊن جي تاريخ اليڪشن ڪميشن ڏيندو: اليڪشن ڪميشن

آئين ۽ قانون موجب بنا ڪنهن دٻاءَ جي فيصلو ڪندا رهنداسين

اسلام آباد (م ر د) اليڪشن ڪميشن چيو آهي ته آئين ۽ قانون ۾ ڪٿي به اهو ناهي لکيل ته چونڊن جي تاريخ اليڪشن ڪميشن ڏيندو. خيبرپختونخواهه
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

ملڪ ۾ چونڊون نه ٿيون ته خانه جنگي شروع ٿي سگهي ٿي، شيخ رشيد

منهنجي گهر تي پوليس ڌاڙو هنيو ۽ قيمتي شيون چوريون ڪيون

آبپارا پوليس منشيات فروشي جي لاءِ مشهور آهي: اسلام آباد ۾ صحافين سان ڳالهيون

اسلام آباد (م ر د) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد چيو آهي ته صدر عارف علوي پنهنجو حق ادا ڪري ڇڏيو اڳوڻي گهرو وزير شيخ
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

بلوچستان جي وزير عبدالرحمان کيتران تي قيد ڪرڻ جو الزام هٿندڙ عورت ۽ سندس پٽن جا لاش هٿ

سوشل ميڊيا تي هڪ وڊيو وائرل ٿي رهي آهي جنهن ۾ موجود عورت مبينه طور تي هاڻ مارجي چڪي آهي

وڊيو ۾ گران نازنالي عورت قرآن پاڪ هٿن ۾ کڻي دانهينڌي نجي جيل مان آزاد ڪرڻ لاءِ منٿون ڪندي رهي

مون کي علائقائي سياست جي حق کان محروم رکڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي پئي وڃي: عبدالرحمان کيتران

ڪوئٽا (م ر د) بلوچستان جي ضلعي بارکان جي علائقي حاجي ڪوٽ ويجهو کوهه مان عورت سميت ٽن ڄڻن جا لاش هٿ اچڻ جي حوالي سان وڌيڪ تفصيل سامهون اچي رهيا آهن. سوشل ميڊيا تي هڪ وڊيو وائرل ٿي رهي آهي جنهن
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پيپلز پارٽي جي عوامي حڪومت خدمت تي يقين رکي ٿي: جام اڪرام الله ڌاريجو

پي ٽي آءِ جي نااهل حڪومت عوام سان ڪوڙ ڳالهائڻ کانسواءِ ڪجهه به نه ڪري سگهي آهي

بلاول ڀٽو زرداري تازو برساتن ۾ ٻوڏ متاثرن کي گهر فراهم ڪرڻ جو پنهنجو واعدو پورو ڪيو آهي

تمام جلد گهر ناهي متاثرن کي مالڪاڻا حق سان گڏ گهر تعمير ڪري ڏنا پيا وڃن: افتتاحي تقريب کي خطاب

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي صنعت ۽ ڪوآپريٽو سوسائٽيز واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو چيو آهي ته پي ٽي آءِ جي نااهل حڪومت عوام
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪراچي: سنڌ جي صنعت ۽ ڪوآپريٽو سوسائٽيز واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو افتتاحي تقريب دوران دعا گهري رهيو آهي

وڏو الميو اهو آ ته ٻه نمبر ماڻهو هڪ نمبر عهدن تي آهن: خواجا آصف

جيل ڀريو تحريڪ ۾ ضمانت واري درخواست ٻه، هتي ايوان ۾ وينل ماڻهن جيل ڏنا آهن

مملڪتي صدر پي ٽي آءِ جي ورڪر جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (م ر د) بچاءُ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته اسان جي سياسي زندگي جو الميو اهو آهي ته وڏا وڏا ٻه نمبر ماڻهو پهرين نمبر واري عهدن
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

جيل ڀريو تحريڪ جو اصل مقصد ڊرامو ڪري ميڊيا جو ڌيان حاصل ڪرڻ آهي: راڻا ثناءُالله

قانون ٽوڙيندڙن خلاف شاهدين گڏ ڪري عوام جي سامهون آنديون وينديون

شاهدين سامهون اچڻ قانون ٽوڙيندڙن جو اصل چهرو بي نقاب ڪيو وڃي

عورتن ۽ غريب ڪارڪنن جي گرفتاري کان پاسو ڪيو وڃي: امن امان جي صورتحال بابت ڪوٺايل اجلاس دوران ڳالهيون

لاهور (م ر د) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله چيو آهي ته جيل ڀريو تحريڪ جو اصل مقصد ڊرامو ڪري ميڊيا جو ڌيان حاصل ڪرڻ آهي. وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله جي صدارت هيٺ امن امان جي صورتحال بابت اجلاس ٿيو جنهن ۾ پي ٽي آءِ جي
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

لاهور: پنجاب جو اڳوڻو وڏو وزير چوڌري پرويز الاهي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ملڪ ۾ سون جي في تولي جو اگهه وري پنج سئو رپيا وڌي ويو

ڪراچي (م ر د) ملڪ ۾ سون جي في تولي جو اگهه وري 500 رپيا وڌي ويو آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسي ايشن موجب هڪ تولي جو ملهه 500 رپيا وڌي هڪ لک 97 هزار رپيا ٿي ويو آهي. اهڙي ريت ڏهه گرام سون جو ملهه 429 رپيا وڌي هڪ لک 68 هزار 896 رپيا ٿي ويو. هوڏانهن عالمي سونارڪي بازار ۾ سون جو ملهه 12
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

هاڻوڪي آدمشماري ۾ ڪراچي جي اڌ لاپته آبادي کي بازياب ڪرايو وڃي: ڊاڪٽر فاروق ستار

موجوده آدمشماري ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ڪوشش سان 5 سالن کان پوءِ ٿي رهي آهي

2017 ۾ ڪراچي سان وڏي ناانصافي ٿي هن شهر جي آبادي کي اڌ کان به گهٽ ڏيکاريو ويو

ڪراچي (رپورٽر) آدمشماري هر 10 سالن کان پوءِ ٿيندي آهي گذريل آدمشماري 17 سالن کان پوءِ ٿي هئي ۽ موجوده آدمشماري ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ڪوشش سان 5 سالن کان پوءِ ٿي رهي آهي 2017 ۾ ڪراچي سان وڏي ناانصافي
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: ايم ڪيو ايم پاڪستان جو سينيئر اڳواڻ ڊاڪٽر فاروق ستار پريس ڪانفرنس ڪندي

اسلام آباد جي تعليمي سينٽر ۾ معذور ٻارڙن تي تشدد جو واقعو، وڊيو وائرل

اسلام آباد (م ر د) اسلام آباد جي سيڪٽر نائين ۾ واقع اسپيشل ايجوڪيشن سينٽر ۾ ٻارن تي جسماني تشدد جي وڊيو سامهون آئي آهي. وڊيو ۾ نيشنل اسپيشل ايجوڪيشن سينٽر جي انتظاميا کي ٻارن تي تشدد ڪندي ڏسي سگهجي ٿو. جتي مختلف وڊيوز ۾ ٻارن کي تشدد جو نشانو بڻايو پيو وڃي. ان حوالي سان ذريعن جو چوڻ آهي ته فوٽيج ۾ اسپيشل ٻارڙن تي تشدد ڪندڙ اسڪول جو عملو ئي آهي.

ڪراچي: سنڌ پوليٽري ريٽيلرز شاپ ڪيپر ويلفيئر ايسوسي ايشن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

مستونگ ۾ ليويز چيڪ پوسٽ تي دهشتگردن جو حملو، 2 اهلڪار شهيد

دهشتگرد اهلڪارن جا هٿيار به پاڻ سان گڏ کڻي ويا، فورسز ناڪابندي ڪري دهشتگردن جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي

مقامي ماڻهن واقعي خلاف ڪوئٽه تافتان قومي شاهراهه کي بلاڪ ڪري ڇڏيو، شهيد ليويز اهلڪارن جا لاش اسپتال منتقل ڪيا ويا

ڪوئٽا (م ر د) بلوچستان جي ضلعي مستونگ ۾ ليويز چيڪ پوسٽ تي دهشتگردن جي حملي ۾ 2 اهلڪار شهيد ٿي ويا. اسسٽنٽ ڪمشنر برڪت بلوچ موجب دهشتگرد اهلڪارن جا هٿيار به پاڻ سان گڏ کڻي ويا. فورسز ناڪابندي ڪري دهشتگردن
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سنڌ حڪومت پاران پورهيتن جي گهٽ ۾ گهٽ 25 هزار روپيا پگهار جو نوٽيفڪيشن جاري

غير هنرمند پورهيتن کي گهٽ ۾ گهٽ 25 هزار روپيا مهينوار پگهار ادا ڪرڻي پوندي: مينيمم ويجز بورڊ

سنڌ صوبي جي سمورن فيڪٽري مالڪ گهٽ ۾ گهٽ پگهار 25 هزار روپيا مهينوار جي ادائيگي ڪن

ڪراچي (رپورٽر) مينيمم ويجز بورڊ سنڌ جي سفارش تي سنڌ حڪومت غير هنرمند پورهيتن جي گهٽ ۾ گهٽ 25 هزار روپيا پگهار جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو هو جنهن جو ڀهرين جون 2022 کان لاڳو ٿيو هو. مينيمم ويجز بورڊ سنڌ
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ق ليگ پي ٽي آءِ ۾ ضم، پرويز الاهي جي ٽيم ڪپتان سان گڏجي وئي

پرويز الاهي پنجاب جي اسيمبلي جي ڏهه اڳوڻي ميمبرن سان گڏجي عمران خان سان ملاقات ڪئي

پرويز الاهي پارٽي کي پي ٽي آءِ ۾ ضم ڪرڻ جو حتمي فيصلو ڪيو

لاهور (م ر د) پنجاب جو اڳوڻو وڏو وزير چوڌري پرويز الاهي پنهنجي ڏهه اڳوڻي اسيمبلي ميمبرن سوڌو پاڪستان تحريڪ انصاف ۾ شامل ٿي ويو آهي. زمان پارڪ لاهور ۾ پرويز الاهي پنجاب جي اسيمبلي جي ڏهه اڳوڻي ميمبرن سان گڏجي عمران
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

چيف اليڪشن ڪمشنر لاءِ نيب چيئرمين جي استعيفيٰ ۾ وڏو پيغام آهي: فواد چوڌري

آفتاب سلطان پنهنجي ڪم ۾ مداخلت جي خلاف استعيفيٰ ڏني نيب چيئرمين جي استعيفيٰ تحريڪ انصاف جي موقف جي واضح توثيق آهي

چوان ٿو ته هو به پاڻ کي هن نظام کان ڌار ڪري، اهو ملڪ ۽ بيورو ڪريسي ٻنهي جي مفاد ۾ آهي

اسان پهرين ڏينهن کان چئي رهيا آهيون ته احتساب جي نظام جي تباهي اين آر او ڏئي آندي وئي

اسلام آباد (م ر د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي ته چيف اليڪشن ڪمشنر جي لاءِ نيب چيئرمين جي استعيفيٰ ۾ وڏو
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

احتساب عدالت شاهد خاقان جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا وارنٽ رد ڪري ڇڏيا

اسلام آباد (م ر د) اسلام آباد جي احتساب عدالت اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي جي ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارا وارنٽ رد ڪري ڇڏيا آهن. اسلام جي احتساب عدالت ۾ ايل اين جي ريفرنس ۾ مسلم ليگ نون جي سينئر
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

دهشتگرد صدر واري رستي کان ڪي پي او پهتا

ڪراچي پوليس آفيس تي حملي ۾ مارجي ويل دهشتگرد زالا نور گذريل مهيني افغانستان مان آيو

پوليس آفيس تي حملو ڪندڙ دهشتگردن جو روٽ ميپ تيار ڪرڻ شروع ڪيو ويو آهي: جاچ عملدار

ڪراچي (م ر د) ڪراچي پوليس آفيس تي حملي جي جاچ جاري آهي. نون تفصيلن موجب ڪراچي پوليس آفيس تي حملي ۾ مارجي ويل دهشتگرد
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

لاهور: پي ٽي آءِ مرڪزي اڳواڻ اعظم سواتي ڪورٽ ۾ پيشي دوران ڪارڪنن سان گڏ بيٺل آهي

لاڙڪاڻي ۾ مهانگائي خلاف احتجاج ڪندڙ شاگردن تي پوليس جي لٺبازي

شاگردن مهانگائي خلاف ايس ايس پي چوڪ تي ڌرڻو هنيو، جنهن سبب ٽريفڪ معطل ٿي وئي

هڪ ته برسات ۽ ٻوڏ غريبن کي تباهه ڪري ڇڏيو، اسان جا گهر ڊهي ويا، ڪنهن به واهر نه ڪئي: شاگرد

مهانگائي ۽ پيٽرول اگهن ۾ واڌ سبب سخت پريشانين ۾ ورجي ويا آهيون، والدين خرچ نٿا ڀري سگهن

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ شاگردن مهانگائي خلاف ايس ايس پي چوڪ تي ڌرڻو هنيو، جنهن سبب ٽريفڪ معطل ٿي وئي. جنهن دوران
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

تعليمي بورڊز جي ڪارڪردگيءَ تي خدشا آهن: سردار شاهه

ڪراچي (رپورٽر) تعليم واري وزير سردار شاهه چيو آهي ته تعليمي بورڊز جي ڪارڪردگيءَ تي خدشا آهن. بورڊز جي ڪارڪردگيءَ مان خوش نه آهيون هن چيو ته بورڊ جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ لاءِ بورڊ کي روايتي طريقڪار تبديل ڪرڻو
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

وفاقي حڪومت بجلي جي اگهن ۾ واڌ لاءِ نيپرا کي درخواست جمع ڪرائي ڇڏي

هولڊنگ ڪمپني جي 800 ارب جي قرضن تي مارڪ اپ ادا ڪرڻ لاءِ نيپرا کي درخواست ڏني وئي

نيپرا اٿارٽي 2 مارچ تي وفاقي حڪومت جي اگهن ۾ واڌ جي درخواست تي ٻڌڻي ڪندي

اسلام آباد (م ر د) وفاقي حڪومت بجلي جي اگهن ۾ واڌ لاءِ نيپرا کي درخواست جمع ڪرائي ڇڏي آهي. بجلي واهپيدارن لاءِ خراب خبر آهي. بجلي
/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

بدين ۾ هفتو اڳ شادي ڪندڙ پيرسن جو گهر مان ڳلو ڪپيل لاش هٿ

ڳوٺ ڪريم بخش جمالي ٽرڪول باءِ پاس لڳ قتل جو واقعو پيش آيو آهي

سندس گهرواري نهن ۽ پائيٽي لاپتہ، تيز ڌار اوزار سان مقتول کي قتل ڪيو ويو

مقتول سليمان ملاح هفتو اڳ عائشہ سان نڪاح ڪيو هو،جوابدار گرفتار ڪيا :پوليس

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) بدين شهر جي ڳوٺ ڪريم بخش جمالي لڳ نيوا ٽر سپلائي ٽرڪول بائي پاس وٽ 55 سالا سليمان ملاح جو سندس گهر مان ڳلو ڪپيل لاش هٿ آيو آهي سندس قتل جي ڪارڻ بابت معلوم ٿي نہ سگهيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

بدين: بار ايسوسيئيشن پاران عدالتن جو بائيڪاٽ ڪري احتجاج ڪيو پيو وڃي

"عدالت نہ ٽو اچين"هاءِ ڪورٽ

صوبائي سيڪريٽري کي شوڪاز

نوٽيس ڏئي ڇڏيو

سکر(رپورٽر) ورڪرز ويلفيئر بورڊ جي فليٽن وارو معاملو پيش نہ ٿيڻ تي سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ ليبر ڪاٽي جي صوبائي سيڪريٽري کي شوڪاز نوٽيس ڏئي ڇڏيو. توهين عدالت جي ڪارروائي جو چتاءُ ورڪرز ويلفيئر بورڊ جي فليٽن واري معاملي پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي سيڪريٽري فنانس لالا اسد پٺاڻ جي درخواست /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

شهداد پور ۾ وڪيل تي تشدد خلاف بدين بار ايسوسيئيشن پاران عدالتن جو بائيڪاٽ

بار ايسوسيئيشن جي طرفان عدالتن جو بائيڪاٽ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

شيراز احمد لاڪي تي تشدد ۾ ملوث اهلڪارن کي گرفتار ڪري مٿن ڪيس داخل ڪيو وڃي

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) شهداد پور ۾ وڪيل شيراز احمد لاڪي تي پوليس تشدد جي خلاف ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي سڏ تي بدين بار ايسوسيئيشن جي طرفان عدالتن جو بائيڪاٽ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو هن موقعي تي بدين بار جي جنرل سيڪريٽري شهزاد ميمڻ چيو تہ وڪيل شيراز لاڪي تي تشدد جي جيتري مذمت ڪجي اها گهٽ آهي وڪيلن تي تشدد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٽائون ڪميٽي مڪلي جي ملازمن کي 2 مهينن جو پگهارون نہ ملڻ خلاف احتجاج

رٽائرڊ مينٽ جي ادائگي نہ ٿيڻ سميت ڪين 2019 کان اعلائيل واڌي پگهار ضم نہ ٿي سگهي

ڇڏ هڙتال ڪرڻ بعد آفيس جي تالا بندي ڪري ٽائون ڪميٽي مڪلي جي آفيس گيٽ مظاهرو ڪيو

مقصود ستار راجپوت، جمن خشڪ، اعجاز حمائتي، غلام مصطفيٰ خشڪ، طيب خشڪ ۽ ٻين جي شرڪت

ٺٽو(د ر) ٽائون ڪميٽي مڪلي جي ملازمن کي گذريل 2 مهينن جو پگهارون نہ ملڻ، سندن پگهارن مان ڪٽوتي، رٽائرڊ ٿيل ورڪرن کي ملازمن کي رٽائرڊ مينٽ جي ادائگي نہ ٿيڻ سميت ڪين 2019 کان اعلائيل واڌي پگهار سندن پگهارن ۾ ضم نہ ڪرڻ خلاف ملازم سراپا احتجاج بڻجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٺٽو: ٽائون ڪميٽي مڪلي جي ملازمن کي 2 مهينن جو پگهارون نہ ملڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

هاءِ ڪورٽ سکر لنڊن، پئرس سميت ٻين

ملڪن ۾ سنڌ جا ثقافتي پروگرام منعقد

ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو

سکر: سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ جي عدالت ۾ ايڊووڪيٽ سهيل ميمڻ پاران لنڊن، پئرس، ڪينيڊا سميت ٻين ملڪن ۾ سنڌ جا ثقافتي پروگرام منعقد ڪري ڪروڙين روپيا خرچ ڪرڻ خلاف داخل ڪرايل پٽيشن جي ٻڌڻي ٿي گذري، ٻڌڻي دوران پٽيشنر ايڊووڪيٽ سهيل ميمڻ عدالت کي ٻڌايو تہ سنڌ ۾ سنڌ جا ثقافتي پروگرام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٺٽي جي ساحلي علائقي ۾ سامونڊي ويرون چڙهي آيون، 5 ڳوٺ ۾ پاڻي هيٺ داخل

ڳوٺن ڳوٺ محمد علي شولاڻي ۽ ڳوٺ سليمان شولاڻي وٽان سامونڊي ويرون چڙهي آيون

ڳوٺ محمد حسين ماڇي ۾ داخل ٿيڻ ڪري ڳوٺن جا گهر ۽ زرعي فصل پاڻي هيٺ اچي ويا

ڳوٺن ويجهو بندن کي گهارا پوڻ ڪري سامونڊي کارو پاڻي گهرن ۽ فصلن ۾ داخل ٿي ويو آهي

ٺٽو (رپورٽر) ساحلي علائقي ۾ سامونڊي ويرون چڙهي آيون، ڳاڙهو ويجهو ٻن هنڌن تي حفاظتي بچاءُ بندن کي گهارا پئجي ويا، 5 ڳوٺ ۾ پاڻي هيٺ داخل، تفصيل موجب ڳاڙهو ويجهو يوسي مهل جي ساحلي ڳوٺن ڳوٺ محمد علي شولاڻي ۽ ڳوٺ سليمان شولاڻي وٽان سامونڊي ويرون غير معمولي حد تائين وڌي اچڻ ڪري حفاظتي بچاءُ بند کي 2 گهارا پئجي ويا، ساحلي ڳوٺن کي ڏٺل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

وارہ لڳ ڳوٺ غازي خان مرڪنڊ جي رهواسي محمد پنجل مرڪنڊ پاران احتجاجي مظاهرو

محمد پنجل زخمي برادر رانجهن خان ولد عبدالحق مرڪنڊ سان گڏ تعلقہ پريس ڪلب تي مظاهرو ڪيو

بااثرن اسان جي گهرن تي بيگناہ ڪاه ڪري منهنجي ڌيءُ شاهزادي کي تشدد جو نشانو بڻايو هيو: الزام

اسان جي گهرن ۾ گهڙي چادر چوڏيواري جو تقدس پائمال ڪري منهنجي پاءُ کي زخمي ڪري ڇڏيو آهي

وارہ (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارہ لڳ ڳوٺ غازي خان مرڪنڊ جي رهواسي محمد پنجل مرڪنڊ طرفان پنهنجي زخمي برادر رانجهن خان ولد عبدالحق مرڪنڊ سان گڏ تعلقہ پريس ڪلب وارہ تي پريس ڪانفرنس ڪندي ڏاهيندي چيو آهي تہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

وارہ: ڳوٺ غازي خان مرڪنڊ جا رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

اسان عوامي خدمت تي

يقين رکون ٿا: ڄام اڪرام

الله ڌاريجو

سکر: صنعت ۽ ڪوآپريٽو کاتن جي صوبائي وزير سنڌ ڄام اڪرام الله ڌاريجو چيو آهي تہ پي ٽي آئي جي نااهل حڪومت عوام سان ڪرڙ ڳالهائڻ کانسواءِ ڪجھ نہ ڪري سگهي ليڪن پيپلز پارٽي جي عوامي حڪومت عوامي حڪومت ڪيل واعدا وفا ڪري پئي چاڪاڻ تہ اسان عوامي خدمت تي يقين رکون ٿا. انهن خيالن جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٽنڊوباگو لڳ اڳوڻي ٽائون چيئرمين مير شاهد جي ڳوٺ ڌيهڙو تي پوليس ڪارروائي

پوليس 20 کان وڌيڪ موبائيلن ۾ سوار پوليس جي وڏن اٿالن ڳوٺ ڌيهڙو تي چڙهايون ڪيون

پوليس گهرن ۾ ڪاهي پئي، گهرن ۾ ڀڃ ڊاهہ، در دريون، پلنگ گهرن ۾ پيل سامان ٽوڙي اڇلي ڇڏيو

مير شاهد کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڳوٺ تي چڙهائي ڪري گهرن اندرن داخل ٿي ڀڃ ڊاهہ ڪئي: متاثرين

ٽنڊوباگو(رپورٽ:سهيل سمون) ٽنڊوباگو لڳ اڳوڻي ٽائون چيئرمين مير شاهد جي ڳوٺ ڌيهڙو تي سڄي بدين ضعي جي پوليس 20 کان وڌيڪ موبائيلن ۾ سوار پوليس جي وڏن اٿالن جون رات ڪان وٺي تي چڙهايون، مير شاهد ٽالپر کي گرفتار ڪرڻ لاءِ پوليس ڳوٺ جي سيني گهرن ۾ ڪاهي پئي، گهرن ۾ ڀڃ ڊاهہ، در دريون، پلنگ گهرن ۾ پيل سامان ٽوڙي اڇلي ڇڏيو پوليس جي خوف سبب سڄو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪنڌڪوٽ ۾ اغوا ٿي ويل ڳورهاري عورت نازيا جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

چيئرپرسن ڊاڪٽر عائشہ ڌاريجو جي اڳواڻي ۾ مظلوم خاندان جي عورتن سان گڏجي مظاهرو

اغوا ڪرڻ ريتن رسمن جي خلاف آهي ڇو تہ سنڌ ڌرتي صوفي فقيرن جي ڌرتي آهي: عائشہ ڌاريجو

پوليس ناڪام آهي پهرين ڏينهن کان ايس ايس پي ڪشمور ڪنڌڪوٽ عرفان سمون رابطي ۾ آهيون

ڪنڌڪوٽ(رپورٽ:غالب بلوچ) ڪنڌڪوٽ ڪجھ ڏينهن اڳ اغوا ٿي ويل ڳورهاري عورت نازيا ۽ معصوم 2 سالن جي نينگري ڪوثر جي بازيابي لاءِ سنڌ سهائي سٿ جي چيئرپرسن ڊاڪٽر عائشہ ڌاريجو جي اڳواڻي ۾ مظلوم خاندان جي عورتن سان گڏجي ڪري پريس ڪلب اڏو احتجاجي مظاهرو ڪيوانهي موقعي تي احتجاج بعد پرهجوم پريس ڪانفرنس عائشہ ڌاريج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪنڌڪوٽ: اغوا ٿي ويل ڳورهاري عورت نازيا جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

روهڙي ۾ ريلوي ملازم

ٽريڪ تي ڪم ڪرڻ

دوران فوت

روهڙي(رپورٽر) روهڙي ۾ ريلوي ملازم ريلوي ٽريڪ تي ڪم ڪرڻ دوران فوت لاش تعلقہ اسپتال روهڙي مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي،ان سلسلي ۾ روهڙي جي علائقي منڌو ديرو جي ڳوٺ نبي بخش شيخ جو رهواسي ريلوي ملازم عبدالحڪيم شيخ 59 ٽريڪ تي گينگ مين ٽيم سان گڏ ٽريڪ جي مرمت دوران فوت ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٺٽي ۾ ايس ايس پي جي حڪم تي منشيات فروشن ڌوهارين خلاف ڪارروايون

منشيات فروش، سنگين ڏوهن ۾ گهربل روپوش ۽ اشتهاري ڌوهاري گرفتار ڪيو ويو

ڪيترن ئي ڏوهن ۾ روپوش جوابدار حيدر شاہ ولد غلام نبي شاہ کي گرفتار ڪري ورتو

ٿاڻي تي نارڪوٽيڪس ايڪٽ ۽ سنڌ آرمس ايڪٽ تحت 4 ڌار ڌار ڪيس داخل ڪيا ويا

ٺٽو (رپورٽ:جاويد ميمڻ) ٺٽي ضلعي ۾ ايس ايس پي ٺٽو جي حڪم تي منشيات فروشن ڌوهارين خلاف ڪارروايون جاري آهي سلسلي ۾ ٺٽو پوليس چاپوهڻي بدنام منشيات فروش، سنگين ڏوهن ۾ گهربل روپوش ۽ اشتهاري ڌوهاري حيدر شاہ کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار وٽان 2 ڪلو 10 گرام چرس، هيروئن آئيس ۽ هٿيار برآمد. ايس ايڇ او ٺٽو الهڏنو پنهور، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سينارجا پرسان ڳوٺ محبت خاصخيلي جي رهواسڻ پيرسن عورت جو احتجاج

مان انتهائي غريب مسڪين آهيان منهنجو مخالفن جنجال بڻائي ڇڏيو آهي:عورت

ذاتي زمين تي مخالف ڌر وارن قبضو ڪيو ۽ اسان جي مٿان حملو ڪري زخمي ڪيو هو

سينارجا(رپورٽر) سينارجا پرسان ڳوٺ محبت خاصخيلي جي رهواسڻ پيرسن عورت ممتاز خاصخيلي پريس ڪلب سينارجا پهچي احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي تہ مان انتهائي غريب مسڪين آهيان منهنجو مخالفن ملن خاصخيلي ,پرويز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺٽون ديرو لڳ ڳڙهي خدابخش پٽووٽ تيز رفتار موٽر سائيڪل جو ٽڪر

سينئر صحافي سليم رضا سولنگيءَ جو ماسات واجد علي شيخ موقعي تي فوت

پراڻي گوشت مارڪيٽ پاڙي واسي صدام ميربحر ۽ رانجهن ميربحر زخمي ٿي پيا

ٺٽون ديرو (رپورٽر) ٺٽون ديرو لڳ ڳڙهي خدابخش پٽووٽ تيز رفتار موٽر سائيڪل جو بيهل موٽر سائيڪل کي ٽڪر حادثي ۾ سينئير صحافي لطيف سولنگي ۽ سينئير صحافي سليم رضا سولنگيءَ جو ماسات واجد علي شيخ موقعي تي فوت پنهي موٽر سائيڪلن تي سوار 4 ڄڻا گهرگهل شاہ پاڙي واسي سني شيخ، معشوق شيخ، پراڻي گوشت مارڪيٽ پاڙي واسي صدام ميربحر ۽ رانجهن ميربحر زخمي، حادثي ۾ فوت ٿي ويل واجد شيخ ۽ سائس گڏ زخمي ٿيل بن جڻن سني ۽ معشوق شيخ کي ٺٽون ديرو اسپتال آندو ويو ۽ موٽر سائيڪل تي سوار صدام ۽ رانجهن ميربحر کي ڳڙهي خدابخش اسپتال نيو ويو زخمي معشوق شيخ ٻڌايو تہ اسان شادي تقريب تان رتوديرو کان واپس ٺٽون ديرو اچي رهيا هئاسين جتي واجد جي اڪ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

کهڙا جي ڳوٺ ريبدر لاشاري جي رهواسي پاران گڏاپ پريس ڪلب آڏو مظاهرو

سينئر صحافي اشفاق لاشاري پاران مبينا بااثر زمين تي قبضي خلاف مظاهرو ڪيو ويو

مختيار لاشاري منهنجي زرعي زمين تي پوليس جي مدد سان قبضو ڪرڻ چاهي ٿو: اشفاق لاشاري

ڪراچي (رپورٽ:باغي ساگر پنهوار) کهڙا جي ڳوٺ ريبدر لاشاري جي رهواسي ۽ سينئر صحافي اشفاق لاشاري پاران مبينا بااثر زمين تي بهارو پوليس جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

امر رباب چانڊيو جي ٽن ڀاءُ ڀيڻن جي قتل جي ٻڌڻي، ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو پيش

ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو جي پڪي ضمانت جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي، ڏرين پيش ٿيون

ماڊل ڪرمنل ٽرائيل ڪورٽ جي جج حافظ عطاءُ الله شيخ جي عدالت ۾ ٻڌڻي ٿيندي :ذريعا

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ امر رباب چانڊيو جي 3 گهرڀاتين جي قتل ڪيس ۾ نامزد ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي ٿي گذري،امر رباب ۽ ايس ايڇ او ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ ۾ پيش ٿي،ٻنهي ڌرين جي وڪيلن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

اسين ملڪ جي حفاظت ڪرڻ ڄاڻون ٿا ۽ شهيد ٿيڻ بہ ڄاڻون ٿا : الطاف احمد

حملي ۾ پاڪ رينجرز دشمنن سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ هر محاذ ۾ اڳتي هوندي آهي

پروگرام ۾ خصوصي مهمان برگيڊيئر الطاف احمد ۽ ڪميشنر ڪراچي اقبال ميمڻ هئا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پاڪ رينجرز پاران ملڪ عناصر دشمني ڪندڙن خلاف هڪ پروگرام ذريعي اهيو پيغام ڏنو تہ اسين پنهنجي ملڪ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪراچي: رينجرز پاران ڪيل معذور ٻارڙن ۽ وڏن لاءِ منعقد پروگرام ۾ انعام ڏنو پيو وڃي

سنڌي شاگرد تحريڪ مرڪز طرفان ضلعي بدين جو دورو

مختلف يونٽن جا دورا ڪري تنظيم سازي کي بهتر ڪرڻ تي ڳالهيون

ڏيڍ مهينو گذري وڃڻ باوجود انتظاميا ڪنهن بہ قسم جو تحرڪ ناهي ورتو:اڳواڻ

ٽنڊوباگو (رپورٽ:رفاقت جروار) سنڌي شاگرد تحريڪ مرڪز طرفان ضلعي بدين جو دورو ماتلي،ڏيٿي گولاڙجي سميت ضلعي جي مختلف علائقن جو دورو ڪندي اڄ ٽنڊوباگو شهر جي مختلف يونٽن جا دورا ڪري تنظيم سازي کي بهتر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

پروفيسر رياض احمد اڄڻ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ايليمينٽري مقرر

چيف سيڪريٽري سنڌ محمد سهيل راجپوت نوٽيفڪيشن ذريعي مقرري ڪري ڇڏي

محمد سهيل راجپوت ڊي اِي او محمد اسلم راڄپر کي ڪاٽي ۾ رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو

نوشهرو فيروز(د ر) چيف سيڪريٽري سنڌ محمد سهيل راجپوت هڪ نوٽيفڪيشن ذريعي پوسٽنگ جي انتظار ويٺل ايسوسيئيٽ پروفيسر رياض احمد اڄڻ کي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ايليمينٽري، سيڪنڊري اينڊ هائير سيڪنڊري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهرو فيروز:سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيو

حضرت سخي پير ميان خاوند بخش انيڙ جو ساليانو عرس مبارڪ شروع

ساليانو عرس مبارڪ درگاہ بگوشي ر تي انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

مريدن عقيدتمندن سميت مختلف مڪتب فڪر سان لاڳاپيل ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سلطانپور (رپورٽ:قربان علي مهر) سلطانپور پرسان حضرت سخي پير ميان خاوند بخش انيڙ جو ساليانو عرس مبارڪ درگاہ بگوشر تي انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو جنهن ۾ سندس مريدن عقيدتمندن سميت مختلف مڪتب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٻولين جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان سچل ڪميونٽي محراب پور پاران ريلي

گورنمينٽ هائر سيڪنڊري اسڪول محرابپور کان سنڌي ٻولي قومي ٻولي جي سري هيٺ ريلي

ريلي ۾ شاگرد ,استاد, شاعر, اديبن ,صحافين ۽ شهرين وڏي تعداد شرڪت ڪئي، ساڃاهہ وند شريڪ

محرابپور (رپورٽ:مجاهد علي سامتيو) ٻولين جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان سچل ڪميونٽي محراب پور, سنڌي ادبي سنگت شاخ محرابپور, پاران گورنمينٽ هائر سيڪنڊري اسڪول محرابپور کان سنڌي ٻولي قومي ٻولي جي سري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

محتسب اعليٰ جي هدايتن تي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس نوشهروفيروز ۾ کليل ڪچهري

ريجنل محتسب احمد بخش گهمرو ۾ کلي ڪچهري دوران ملازمن ۽ پينشنرن کان شڪايتون ٻڌيون

ملندڙ شڪايتن ۾ اڪٽريٽ ڪميوٽيشن، گريجوئٽي، ايل پي آر ۽ ڊفرنس بلن جي رهتن بابت هيون

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) محتسب اعليٰ سنڌ جي هدايتن جي روشني ۾ ڪنسلٽنٽ انچارج ريجنل محتسب آفيس احمد بخش گهمرو اڄ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس نوشهروفيروز ۾ کلي ڪچهري دوران ملازمن ۽ پينشنرن کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

نوشهروفيروز: محتسب اعليٰ جي هدايتن تي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ۾ کليل ڪچهري منعقد

مورو ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران آفر آرڊر نہ ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

سيد وسيم شاہ، امتياز سولنگي، اسماعيل چانڊيو، خالد ڪلهوڙو پاران ريلي ڪڍي وئي

عدنان پيرزادو، عبدالحفيظ، عبدالغني، بلاول سيال، الطاف چانڊيو ۽ ٻيا اڳواڻي ڪري رهيا هئا

ڪافي تعداد ۾ سيٽون ظاهر ٿيڻ بي صورت هاڻي اسان احتجاج جو دائرو وسيع ڪنداسين: مظاهرين

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) مورو ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن آفر آرڊر نہ ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري مورو پريس ڪلب اڳيان ڌرڻو هڻيو ويو جنهن جي اڳواڻي سيد وسيم شاہ، امتياز سولنگي، اسماعيل چانڊيو، خالد ڪلهوڙو، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

مورو: آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن آفر آرڊر نہ ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

سنڌي ادبي سنگت شاخ آبادگار

شگرملز پاران سنڌي ٻولي

ڪانفرنس منعقد

ٽنڊو غلام حيدر(رپورٽر) سنڌي ادبي سنگت شاخ آبادگار شگرملز پاران "سنڌي ٻولي ڪانفرنس سنڌي ٻولي هزارين سالن جي تاريخ تي مبني آهي, جنهن وٽ پنهنجي ڌرتيءَ، هزارين سالن جي تهذيب، ڪلچر، جعغرافي، رهڻي ڪهڻي جو تاريخي پسمنظر آهي، ان جي باوجود بہ سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو نہ ڏيڻ هڪ وڏي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

هر طرف جهنگل جو قانون ۽ پوليس ڀوتارن جي واٽي وارو ڪردار ادا پئي ڪري: ڪاشف ملاح

ليڪچرار ۽ اردو ٻوليءَ جي شاعر سراج هاليپوٽي جا قاتل ٽنڊو باگو پوليس کي هٿ نٿا اچن

اسان گهر ٿا ڪريون تہ جوابدارن کي گرفتار ڪري سزا ڏيو ۽ قتل جي عدالتي جاچ ڪرايو

ٽنڊوباگو (رپورٽ:سهيل سمون) ڏيٿي لڳ ڳوٺ ميٺان ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ڪاشف ملاح دلدار نوحاڻي جميل ملاح ضلع صدر حبيب ڪلوئي سريش پيل ۽ ٻين ڪارڪن ڳڏجاڻي کي خطاب ڪندي چيو آهي تہ سڄي سنڌ 1947 ع کانپوءِ انگريزن جي غلاميءَ مان نڪري هڪ هٿرادو مڙهيل اشرافيا جي غلاميءَ ۾ جڪڙجي وئي آهي جنهن سنڌ جي سمورن ادارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

نوشهرو فيروز ۾ گندگي، هر رستي تي بيٺل پاڻيءَ ۽ وڌندڙ بد امني خلاف احتجاج

هيٺاهين چونڪ کان وزير وڳڻ -غلام سرور آرائين -ماهنور شيخ -نويد راڄپر پاران مظاهرو

ڪرپٽ نااهل آفيسرن شهر کي تباهہ ۽ برباد ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجھ نہ آهي :مظاهرين

ڪرپٽ ڊي سي ۽ ٽي ايم او ملازم ويزا تي ڇڏي شهر تباهہ ڪري ڇڏيو: ڪائونسلر معرف پيرزادو

نوشهرو فيروز (رپورٽ:اسد علي عمراڻي) شهر ۾ گندگي شهر جي هر رستي تي بيٺل پاڻيءَ ۽ وڌندڙ بد امني خلاف شهري سراپا احتجاج سون جي تعداد ۾ دڪاندارڪان بند ڪري هيٺاهين چونڪ کان وزير وڳڻ غلام سرور آرائين ماهنور شيخ نويد راڄپراڪرم پيرزاده معروف پيرزاده جي اڳوائي ۾ اپ ڌاريندڙ نعرا هڻندا پريس ڪلب پهتا وزير وڳڻ ميڊياسان ڳالهائيندي چيو تہ ڊي سي نوشهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوشهرو فيروز: رستي تي بيٺل پاڻيءَ ۽ وڌندڙ بد امني خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

روهڙي ۾ رولو ڪتن حملو ڪري

10 سالن جي نينگر کي ڏاڙهي سخت

زخمي ڪري ڇڏيو

روهڙي(رپورٽر) روهڙي ۾ رولو ڪتن حملو ڪري 10 سالن جي نينگر کي ڏاڙهي سخت زخمي ڪري ڇڏيو اسپتال مان ويڪسين ڏيڻ بعد گهر روانا وارثن پاران ڪتا مار مهم هلائڻ جو مطالبو .ان سلسلي ۾ روهڙي جي بيراج روڊ پرسان ڳوٺ غلام سرور ميراڻي ۾ رولو ڪتن حملو ڪري گهر ٻاهران راند ڪيڏڻ دوران 10 سالن جي ذوهيب پٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪوٽڙي ڪبير مان برساتي پاڻي نيڪال نہ ٿيو، شهري اتحاد پاران احتجاجي مظاهرو

شهري اتحاد صدر مولابخش ٽيهو-ايڊووڪيٽ ڪامران جروار -استاد قربان پاران احتجاج

زمينن مان پاڻي ۽ لاشارين جي ڳوٺن مان ترت پاڻي ڪڍڻ جي پڪ ڏياري وئي :مظاهرين

جوڳا اپاءُ نہ ورتا آهن هنن عدالت وٽ بہ پاڻي ڪيرائڻ جي ڪوڙي رپورٽ جمع ڪرائي آهي

محرابپور (رپورٽ:مجاهد علي سامتيو) ڪوٽڙي ڪبير هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ جي حڪم تحت پي ڊي ايم اي پاران ڪوٽڙي ڪبير مان اجا تائين برساتي پاڻي نيڪال ن ڪرايو ويو هنن ڪورٽ جوحڪم ب هوا ۾ اڏائي ڇڏيوان سلسلي ۾ شهري اتحاد صدر مولابخش ٽيهوايڊووڪيٽ ڪامران جروار استاد قربان سهتو عطا حسين سهتوءَ ٻين صحافين کي ٻڌايو ت پي ڊي ايم اي پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سيپڪو يونين جي ڊويزنل صدر شاهد سمون جي گهر تي فائرنگ خلاف احتجاج

سيپڪو محرابپور جي ملازمن آفيس کان ريلي ڪڍي جناح چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو

ڊويزنل صدر شاهد سمون کي حراسان ڪرڻ وارو عمل بند ڪيو وڃي، ورنہ برداشت نہ ڪنداسين:اڳواڻ

فهيم احمد ڌاريجي جي چوري ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪري جوابدارن کي فوري گرفتار ڪيو وڃي

محرابپور (رپورٽ:مجاهد علي سامتيو) سيپڪو يونين جي ڊويزنل صدر شاهد سمون جي گهر تي فائرنگ خلاف جناح چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو ويو سيپڪو محرابپور جي ملازمن آفيس کان ريلي ڪڍي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

محرابپور : شاهد سمون جي گهر تي فائرنگ خلاف احتجاج احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڏيپارجا، سئي ڳنس ۽ ٽنڊو مير علي

مان برساتي پاڻي نيڪال نہ ٿيڻ

خلاف پٽيشن داخل

سکر(بيورو)خيرپور ضلعي جي ڏيپارجا سئي ڳنس ۽ ٽنڊو مير علي مان برساتي پاڻي نيڪال نہ ٿيڻ خلاف خيرپور ضلعي جي 42 ڄڻن وڪيل ارشاد ڌاريجو معرفت سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ جي عدالت ۾ پٽيشن داخل ڪرائي آهي تہ 6 مهينا اڳ خيرپور ضلعي جي ڏيپارجا، سئي ڳنس، ٽنڊو مير علي، پيروسڻ وارن علائقن ۾ 7 يونين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

"سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيو": سنڌي ادبي سنگت مرڪز جي سڏ تي پروگرام

نيشنل پريس ڪلب ۾ سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت ضلع نوشهرو فيروزجي صدارت ۾ ٿي گذريو

ماڻيجي ماءُ وارو سلوڪ بند ڪيو وڃي جنهن سنڌ پاڪستان ٺاهيون انهن ماڻهن کي پٺ سان لڳايو ٿو وڃي

رئيس سولنگي عادل عباسي فهد ميمڻ ضمير حسين لنڊ ماجد ٽڳا عتيق وسطڙو مرتضي ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

نوشهرو فيروز(رپورٽ:منظورملڪ) سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيو سنڌي ادبي سنگت مرڪز جي سڏ تي ڊسٽرڪٽ نيشنل پريس ڪلب تي سيمينارايم ظفر ٽڳررابطا سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت ضلع نوشهرو فيروزجي صدارت ۾ ٿي گذريو جنهن سياسي سماجي ڌرين سان گڏ وڪيلن شاعرن صحافين شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي ضلع رابطا سيڪريٽري ايم ظفر ٽڳر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٺٽو: مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان پرائمري سيڪشن ۾ تقريب منعقد

سيڪشن گورنمينٽ بوائز ڪيمپس اسڪول مڪلي ۾ هڪ معلوماتي تقريب منعقد ڪئي وئي

21 فيبروري تي اقوام متحده پاران نيئن ٽيم هيٺ مادري ٻولي جو عالمي ڏيهاڙو ملهايو وڃي ٿو

ٻولي جي ذريعي نہ صرف اسان پنهنجا جذبا، خيال، نظريا، ڳالهيون وغيرہ هڪ ٻئي سان ونڊيون ٿا

ٺٽو(د ر) مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان پرائمري سيڪشن گورنمينٽ بوائز ڪيمپس اسڪول مڪلي ۾ هڪ معلوماتي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ استادن ۽ شاگردن مادري ٻولين جي اهميت تي ڳالهايو. تقريب کي خطاب ڪندي محمد صفدر ٺٽوي علمي شخصيت نوراحمد سومرو ۽ ٻين چيو تہ ٻار جي پهرين درسگاہ ماءُ هوندي آهي ۽ پنهنجي ٻار کي دنيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٺٽو: مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان پرائمري سيڪشن ۾ تقريب منعقد

سيوهڻ ۾ سنوڪر گيم تي ٻن

ڌرين ۾ جيهڙو، هڪ واڻهڙو

سميت 3 ڄڻا زخمي

سيوهڻ(رپورٽر)سيوهڻ جي ڪوسہ محلا لعل حويلي پاڙي ۾ سنوڪر گيم تي رات جو ٻارهين بجي ڌاري ڪنهن ڳالهہ تان ڪنير برادري ۽ بروهي برادري ۾ جيهڙو ۽ فائرنگ جيهڙي جو سبب معلوم نہ ٿي سگهيو جڏهن تہ فائرنگ ۾ ٽي ماڻهون زخمي ٿي پيا جيڪي ماڻهون زخمي ٿيا آهن انهن ۾ رضوان بروهي حسنين ڪنير ۽ هڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سوئي گيس سيف جي تعاون سان انڊس سيڪنڊري اسڪول سسٽم سينارجا جي افتتاحي تقريب

ميلي واري تقريب ۾ وڏي انگ ۾ شاگردن پاران مختلف ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ماڊل تيار ڪيا ويا

مشتاق احمد سومرو هيڊ مقبول احمد لغاري خيرپور ۽ ٻين سائنسي ميلي ۽ اسڪول جو افتتاح ڪيو

غريب ٻارن کي مفت تعليم پهچائڻ آهي اسان جو ادارو تمام بهترين ڪم ڪري رهيو آهي: اڳواڻ

سينارجا (رپورٽ:الطاف حسين پٽو) سيناارجا شهر ۾ سيف جي تعاون سان هلندڙ انڊس سيڪنڊري اسڪول سسٽر سيناارجا جي افتتاحي ۽ سائنسي ميلي واري تقريب، وڏي انگ ۾ شاگردن پاران مختلف ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ماڊل تيار ڪيا ويا، افتتاح تقريب ۾ خاص مهمان ريجنل ڊائريڪٽر مشتاق احمد سومرو ۽ ٻين اڳواڻن جي شرڪت تفصيلي خبر موجب سيناارجا شهر ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

❊❊❊ روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي❊❊❊

ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اربع 22 فيبروري 2023ع

مادري ٻولي جو عالمي ڏهاڙو ڪجھ تقاضائون ڪري ٿو

اڄ 21 فيبروري آهي ۽ سڄي دنيا ان ڏينهن تي مادري ٻولين جو عالمي ڏهاڙو ملهائي رهي آهي. هي ڏهاڙو 1999ع کان هر سال لساني ۽ ثقافتي گهڻائي جي جاڳرتا کي هٿي وٺرائڻ ۽ گهڻ ٻوليائي نظام کي ترقي ڏيارڻ لاءِ ملهايو ويندو آهي. گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي قرارداد نمبر 56/262 کي باضابطا طور لاڳو ڪرڻ لاءِ گڏيل قومن جي اداري يونيسڪو 2002ع کان هي ڏهاڙو ملهائڻ شروع ڪيو. ان ئي سلسلي ۾ 16 مئي 2007ع تي جنرل اسيمبلي قرارداد نمبر 61/266 پاس ڪئي جنهن ۾ اهو ڄاڻايو ويو ته هي ڏينهن دنيا جي سمورن ماڻهن پاران ڳالهائجندڙ سمورين ٻولين کي بچائڻ ۽ تحفظ ڏيڻ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ملهايو ويندو. 2008ع کي ٻولين جو عالمي سال ڪري ملهايو ويو. اهو ڏهاڙو ملهائڻ جو قدم بنگلاديش ڪنيو ڇاڪاڻ ته بنگلاديش ۾ 21 فيبروري 1952ع تي ئي بنگالي ٻولي کي پاڪستان جي قومي ٻولي جو درجو ڏيڻ لاءِ شاگردن احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن ۾ 5 شاگرد عبدالسلام، ابوالبرڪت، رفيق الدين احمد، عبدالجبار ۽ شفيع الرحمان شهيد ٿي ويا هئا. اهو پهريون ڀيرو دنيا ۾ ٿيو هو جو ڪنهن ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ احتجاجي تحريڪ هلي هجي ۽ ان ۾ رتوڇاڻ به ٿي هجي. ان ڏينهن کي پاڪستان جي حڪومت جي مرضي سان ملهايو ويندو آهي. يعني پاڪستان به عالمي معاهدي تي صحيح ڪري چڪو آهي ته هو مادري ٻولين کي هٿي وٺرائيندو ۽ انهن کي ترقي جا موقعا فراهم ڪندو. هي هڪ عالمي اعتراف آهي جنهن تي اصولي طور تي ته پاڪستان کي هر صورت ۾ عمل ڪرڻ گهرجي. پر پاڻ ڏسون ته ڇا پاڪستان ۾ ان تي عمل ٿي رهيو آهي؟ ته ان جو جواب نفي ۾ ملندو. اڄ به پاڪستان ۾ سواءِ ٻن ٻولين انگريزي ۽ اردو جي ٻي ڪنهن به ٻولي کي ڪو تحفظ مليل نه آهي. دنيا ۾ ته اسان واعدو ڪري آيا آهيون ته مقامي ٻولين کي هٿي وٺرائينداسين پر اهو واعدو اسان وساري ويٺا آهيون. ان ڪري اسان جي ملڪ ۾ اڄ به ٻولين کي ترقي جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ احتجاج ٿي رهيا آهن. اهو پاڪستان جنهن جي پاليسين جي ڪري دنيا مادري ٻولين جو ڏينهن ملهائي رهي آهي ان ۾ ئي سنڌي، سرائيڪي، پنجابي، بلوچي، پشتو، بروهي، هندڪو ۽ ٻين ٻولين جا ڳالهائيندڙ اهي مطالبا ڪري رهيا آهن ته انهن جي ٻولين کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي.

رپورٽون اهي به آهن ته پاڪستان ۾ اڄ به 25 مادري ٻوليون اهڙيون آهن جن جي ويجهي مستقبل ۾ مرڻ جو خطرو آهي. پاڪستان ۾ ڪل 77 ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن جن مان 68 اصلي يا ديسي ۽ 9 ديسي نه آهن. جڏهن ته ماهر ته سنڌي سميت ٻين ٻولين کي به خطري کان ٻاهر نه ٿا ڄاڻائين. جڏهن ته دنيا ۾ ڪل 7 هزار کان وڌيڪ ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون جن مان خطري ۾ آيل ٻولين جو انگ 3 هزار 45 آهي. ان جو مطلب ته دنيا ۾ 50 سيڪڙو ٻوليون خطري ۾ آهن. هي صورتحال ڪا ايتري خوشي واري نه آهي پر ان تي به ماتم ڪرڻ جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته هڪ ٻولي جو موت هڪ ثقافت جو موت هوندو آهي. سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيڻ جي مهم به پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان وٺي هلائي پئي وڃي پر اسان جي ملڪ جي هر حڪومت چاهي فوجي هجي يا وري چونڊيل انهن هن اهم ترين معاملي کي نظرانداز ڪيو آهي. پر هاڻ وقت اچي ويو آهي ته پاڪستان جا اصل اقتداري حلقا ٻولين کا ٻجڻ ڇڏي ڏين ۽ پاڪستان جي سمورين اهم ٻولين کي قومي ٻولي جو درجو ڏين ته جيئن ملڪ ۾ هم آهنگي وڌي ۽ نفرتن جو خاتمو اچي. جيڪڏهن هن وقت تائين قومي ٻولي جي درجي کان انڪار ملڪ ۾ هم آهنگي پيدا ڪري نه سگهيو آهي ته هڪ ڀيرو چانس ڏئي اهم ٻولين کي قومي ٻولي جو درجو ڏئي ترقي وٺرائڻ جو موقعو ڏئي ڏسو شايد ان سان ملڪ مان نفرتن جو خاتمو اچي ۽ غيريقني جي صورتحال ختم ٿئي.

منهنجي ٻولي منهنجي ماءُ

پروفيسر ڊاڪٽر امانت علي جلباڻي

قومي جڙاوت جو بنيادي جز زبان آهي، ان جي اٿهوند قومي وجود کي اٽپورو بڻائي ڇڏيندي. سنڌ ۾ تعليمي نظام جي بهتري نه رڳو معاشي ترقيءَ لاءِ ضروري آهي پر ان جو ڳانڍاپو سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه ۽ بقا سان به آهي. ڪنهن به طبقي جي ٻولي ان لاءِ روڊ ميپ جي حيثيت ٿي رکي، ان جي ڪلچر، تهذيب وتمدن، رسم و رواج کي ڄاڻڻ ۽ پرکڻ لاءِ ان جي ٻولي جي ادائگي، لهجو، جملن جا پاڻ ۾ ڳانڍاپا، شيشي جيان سامهون ايندڙ عڪس کي صاف چٽو ظاهر ڪن ٿا ته اسين ڪهڙي ذات پات سان لاڳاپيل آهيون. پلي ڪٿي سامهون وارو شخص اسانجي زبان پلي پٽ پوري سمجهي به نه سگهي، پر اسانجي زبان مان ادا ٿيل لفظ اسانجي سڃاڻپ ٿا بڻجن. لفظ به اهي لفظ جيڪي اسان چڱي طرح سان مڪمل روانگي سان بنا ڪنهن گرامر جي غلطي، اُچارن ۾ هيرڦير، ادائگي ۾ اٽائي ڪرڻ جيخيالن جو اظهار ٻين تائين پهچائيندا رهون ٿا.

مادري ٻولي جي ايتري ته اهميت مليل آهي جو هر سال فيبروري جي 21 تاريخ تي اقوام متحده پاران نيئن ٿيم هيٺ مادري ٻولي جو عالمي ڏهاڙو ملهايو وڃي ٿو. اها عام فهم جي ڳالهه آهي ته عالمي ڏينهن ملهائڻ جو مطلب اهو ئي آهي ته ان موضوع کي سماج ۾ اجاگر ڪرڻ آهي، جيڪي پنهنجي قيمتي شيءِ جي ملهه ڪان اڻڄاڻ آهن. يونيسڪو پاران هن ڏينهن کي 17 نومبر 1999ع تي ٻولي جي تحريڪ ۾ شهيد ٿيل ان بنگالي شاگردن کي پيٽاطور ڏهاڙو ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو هو. بنگالي شاگرد 21 فيبروري 1952ع تي پنهنجي ماءُ ٻولي کي پنهنجي اهميت ڏيارڻ لاءِ ڀرپور تحريڪ جو حصو ورتو، جنهن دوران ڍاڪا ميڊيڪل ڪاليج تي پوليس ۽ فوج گوليون وسائڻ سبب شاگرد شهيد ٿي ويا هئا. ياد رهي ته پنهنجي ٻولي تان قربان ٿيل بنگالي شاگردن کي ميڃتا ڏيڻ لاءِ يونيسڪو ان ڏينهن کي "ماءُ ٻولين" جو عالمي ڏينهن ڪري ملهائڻ جو اعلان ڪيو. هاڻي دنيا جون قومون هن ڏينهن کي ڀرپور طريقي سان ملهائين ٿيون. اُها ئي ٻولي جيڪا اسانجي ماءُ طرفان اسان ۾ منتقل ٿئي ٿي. جيئن ته هر ٻار جو چهرو عادتون جزبات سندن ئي ماءُ سان مشابهت رکن ٿا، ائين ئي سندن زبان جي ادائگي، لهجي جي به پيٽ سندن ماءُ سان آساني سان ڪري سگهجي ٿي. اسانجي چهري، نالي ۽ لباس وانگر ٻولي به اسانجي ڏيهه تورڙي پرڏيهه ۾ شناخت ڪرائي ٿي. دنيا ۾ انتهائي اهميت جي حامل مادري ٻولي بابت اسان معمولي سوچ رکي گهڻن ئي موقعن تي پنهنجي ٻولي کي سائيڊ تي ڏڪيندي ٻين ٻولين کي پنهنجو چوائي فخر ٿا محسوس ڪيون جيتوڻڪ مونکي ته اهو شرم جو مقام ٿولڳي جو اسان ٻولي جي نالي تي اصل ۾ پنهنجي امڙ جي سڃاڻپ ٻين اڳيان ڪرڻ بجاءِ لڪائڻ جي ڪوشش ڪري اڻڄاڻائي ۾ بزدلي جو ڪليل مظاهرو ڪري رهيا هوندا آهيون. مادري ٻولي جي هرگز اها معنيٰ ۽ مفهوم ناهي ته ڪو گهڻي ايراضي تي رهندڙ گهڻي آبادي ۾ ڳالهائي وڃي، پر جيڪر هڪ طبقي تي مشتمل چند گهوٽن تائين به ڳالهائي وڃي ٿي ته به اهائي اسانجي مادري ٻولي سڏائيندي. جيڪا اسان کي بنا ڪنهن شرمساري جي بافخر ٿي ڳالهائڻ گهرجي. اسان مان هر ڪو پنهنجي پياري ماءُ ۽ پيءُ سان بي پناهه ۽ غير مشروط محبت ۽ چاهت ڪري ٿو، چاهي اهي ڪهڙي به قد ڪاٺ شڪل صورت رنگ نسل جا چو نه هجن، پر فقط اهي ئي اسان کي زندگي ڏيندڙ، پاليندڙ، ڏک سک ۾ مدد ۽ رهنمائي ڪندڙ هوندا آهن. پر افسوس صد افسوس اسان مان ئي ڪجهه ماڻهو يا ائين ڪٿي چئجي اسان پاڻ پنهنجي ماءُ طرفان وراثتي مليل مادري ٻولي کي سڄي سامهون فخريه انداز ۾ ڳالهائڻ بجاءِ الاهي چو پردن ۾ لڪائي ٻين ٻولين جو سهارو وٺندا آهيون؟

سنڌي اڄ به پاڪستان جي شاهوڪار ترين ٻولي آهي جيتوڻيڪ پاڪستان کان اڳ يا اڄ به پاڪستان ۾ سنڌي واحد زبان آهي، جنهن جي باقاعده صورتخطي، نصاب، ٽائپ رائٽرس، پريس، اسڪولي نصاب ۽ اخبارون موجود آهن. سنڌي ٻولي جي اها خصوصيت آهي جو اها اڄ به سنڌ ۾ باقاعدگيءَ سان پڙهائي وڃي ٿي. موجوده پاڪستان ۾ اسين سنڌي خوش نصيب آهيون جو اسان جي سنڌي، قومي ٻولي جو درجو نه ملڻ جي باوجود وڌيڪ سگهاري ۽ شاندار حيثيت ۾ موجود آهي، جنهن جون روزانو 50 کان وڌيڪ اخبارون، ٽي وي چئنل، اسڪولن کان وٺي يونيورسٽين تائين نصاب ۾ پڙهائي ٿي وڃي. تنهن ڪري سنڌي ٻولي جو مستقبل پاڪستان جي ٻين ٻولين کان وڌيڪ مضبوط ۽ محفوظ آهي. ٻوليءَ جي ماهر مائيڪل اِي ڪرس جي چوائي: "صرف اها ٻولي سلامت رهي سگهي ٿي جنهن جي ڳالهائيندڙن جون ايندڙ نسلون هڪ سئو سالن تائين اها ٻولي ڳالهائين." هڪ اندازي مطابق دنيا جي مختلف ملڪن ۽ خطن تي ڇهه ڪان ست هزار ٻوليون رائج آهن جن مان هڪ امڪان آهي ته 90 سيڪڙو تائين ٻوليون صديءَ جي آخر تائين ختم ٿي وڃن. يعني ته هڪ سئو سالن ڪانپوءِ جي ڪره ارض تي آبادي رهي ته دنيا ۾ صرف 600 ٻوليون ئي پنهنجو وجود برقرار رکي سگهنديون. ٻولين جي گم ٿيڻ جي شرح وقت سان گڏ ايترو ته تيزي رهي آهي جو هڪ اندازي مطابق صرف پاڪستان ۾ ئي 2030ع تائين 18 کن اتر پاڪستاني ٻوليون پنهنجو وجود وڃائي چڪيون هونديون. هي اهي ٻوليون آهن جن جا اصلوڪا ڳالهائيندڙ وڃي ڏهاڪن يا چند سون ۾ بچيا آهن ۽ پنهنجي "ماتري ڀاشا" ڇڏي علائقي ۾ موجود ٻاثر ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ ٿي ويا آهن. اسين سنڌي خوش نصيب آهيون جو اسان سنڌي ٻوليءَ جا وارث آهيون. اسان جي ٻولي، قومي ٻولي جو درجو نه ملڻ جي باوجود وڌيڪ سگهاري ۽ شاندار حيثيت ۾ موجود آهي. سنڌي ٻولي صدين تائين قائم رهندي. سنڌي اڄ به پاڪستان جي شاهوڪار ترين ٻولي آهي جيتوڻيڪ پاڪستان کان اڳ يا اڄ به پاڪستان ۾ سنڌي واحد زبان آهي، جنهن جي باقاعده صورتخطي، نصاب، ٽائپ رائٽرس، اسڪولي نصاب ۽ اخبارون موجود آهن. سنڌي ٻولي اسڪولن کان وٺي يونيورسٽين تائين نصاب ۾ پڙهائي ٿي وڃي. تنهن ڪري سنڌي ٻولي جو مستقبل پاڪستان جي ٻين ٻولين کان وڌيڪ مضبوط ۽ محفوظ آهي. سنڌي ٻولي جا ڇهه کان مٿي قسم آهن. جنهن ۾ اترادي، وچولي، ڪڇي، لاڙي، لاسي، ٿري وغيره شامل آهن.

سنڌي ٻوليءَ کي هڪ اهم چئلينج سرڪاري اسڪولن جي برٻادي آهي. اٽڪل 49 هزار سرڪاري اسڪولن ۾ 42 لک کان وڌيڪ ٻار پڙهن ٿا، انهن اسڪولن جو هڪ وڏو انگ ڀڙاڙين ۾ آهي، جتي سياسي ۽ انتظامي ڪرپشن سبب اُستاد پڙهائڻ لاءِ تيار ناهن ۽ تعليم واري وزير جي پنهنجي اعتراف موجب، 11 هزار اسڪول بند آهن. نتيجي ۾ لکين ٻار بنيادي سنڌي سکڻ کان محروم ٿي رهيا آهن. هيٺين وچولي طبقي جا شهري به هاڻي ٻارن کي خانگي اسڪولن ۾ پڙهائين ٿا، جتي سنڌي پڙهائي نه ٿي وڃي. جيڪڏهن لکين ٻار پنهنجي مادري زبان پڙهڻ کان سواءِ وڏا ٿيندا، ته اهي پنهنجي تاريخي ۽ ثقافتي ورثي کان ڇنل رهندا ۽ اهڙيءَ طرح هو پنهنجي ئي سماج ۾ اوپرا رهندا. قومي جڙاوت جو بنيادي ايڪو ٻولي آهي، ان جي اٿهوند قومي وحدت کي اٽپورو بڻائي ڇڏيندي. سنڌ ۾ تعليمي نظام جي بهتري نه رڳو معاشي ترقيءَ لاءِ ضروري آهي پر ان جو ڳانڍاپو سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه ۽ بقا سان به آهي. جتي سنڌي سافٽ ويئر ۽ سنڌي ميڊيا سنڌي ٻوليءَ لاءِ وڏي سگهه آهن. اُتي تيزيءَ سان ناڪاره ٿيندڙ سرڪاري تعليمي سرشتو سنڌي ٻوليءَ جي اوسر ۽ بقا لاءِ وڏي للڪار آهي. حڪومتي سرپرستيءَ تي ان ڪري نه ٽوڀاڙي سگهجي، جو ان جون اوليتون ڪجهه ٻيون آهن. تعليم جو سڌارو يا ٻوليءَ جي بقا رڳو بجيٽن ۽ اعلانن جو نه، پر هڪ گهري قومي غيرت ۽ ڪمٽمينٽ جو معاملو آهي، جنهن کي ڪرپشن جو مانگر مڇ ڳڙڪائي چڪو آهي. سنڌ واسين کي متحرڪ قوم طور ان صورتحال جو ماضيءَ جيان پاڻ ئي مقابلو ڪرڻو پوندو. جڏهن سرڪار، سماج جون گهرجون پوريون ڪرڻ جي نيت ۽ اهليت وڃائي ويهي، ته پوءِ سماج جي سياڻن ماڻهن کي متبادل ادارا قائم ڪرڻا پوندا. سنڌي ٻوليءَ جي بقا لاءِ مطالبن کان اڳتي وڌي قومي عمل جي گهرج آهي. خصوصي طور تي اسان استادن جو اهو فرض آهي ته پنهنجي ايندڙ نسل کي قديم سنڌي ٻولي بابت مڪمل ڄاڻ ڏيئي ڪانئن وچن وٺون ته توهان پنهنجي مادري ٻولي ۽ ثقافت جا امين رهندو توهان سنڌي ٻوليءَ جا حقيقي وارث آهيو ۽ توهان کي ئي سنڌس ترويج لاءِ پنهنجي خصوصي صلاحيتن کي ڪتب آڻڻو آهي چو ته سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ثقافت اسان جي سڃاڻپ آهي.

جن کي ڏورَ دَردَ جو، سبق سُورَ پڙهنّ،
فِڪرَ فَرِهي هٿ ۾، ماٺ مُطالع ڪنّ،
پَنو سو پڙهنّ، جنهن ۾ پَسن پِرينءَ کي.

موسمي ڦير گهير ۽ ان جو ماحول تي اثر

ايم ادريس راجپوت

ڪراچي ۾ مٿين سبجيڪٽ تي هڪ ڪانفرنس ٿي جنهن ۾ قومي اسڪالرز چين، جرمني، ملائيشيا، سري لنڪا، ترڪي، انگلينڊ ۽ آمريڪا جي ماهرن شرڪت ڪئي. مختلف ملڪن جا ماهران ڪانفرنس ۾ وڊيو لنڪ ذريعي به شريڪ ٿيا.

انهيءَ ڪانفرنس ۾ وفاقي وزير شيري رحمان به شريڪ ٿي جنهن هيٺيون ڳالهيون چيون:

موسمي ڦير گهير جي ڪري موسمن ۾ تبديلي پئي اچي جيڪا هڪ تمام پواڻتي آهي اها سڄي ماحول ۽ انسانن تي به اثر ڪري رهي آهي.

اسان جي سيني ملڪن جو فرض آهي ته انهيءَ تبديلي کي سختيءَ سان منهن ڏيون.

بم هٽڻ ۽ ٻيا طريقا جيڪي موجوده جنگين ۾ استعمال ٿين ٿا انهن ڪري اهي سڄو سنٿون موجوده سسٽم تي اثرانداز ٿين ٿا.

گدلاڻ ۽ ٻيون ڳالهيون ماحول کي گندو ڪن ٿيون. انهن ۾ خاص آهن پاڻي، مٽي، هوا ۽ انهن کي غير محفوظ ڪن ٿيون.

تنهن ڪري ملڪن کي کپي ته امن لاءِ ڪوشش ڪن.

هن وڌيڪ چيو ته سمنڊ اهي جايون آهن، جتي تمام گهڻي ڪاربان گڏ ٿي ٿئي، جنهن ڪري ملڪن جي معيشت تي اثر پوي ٿو.

هن اهو به چيو ته سال 2050ع ۾ سمنڊن ۾ ايتري گهڻي پلاسٽڪ هوندي جنهن ڪري مڇين ۽ ٻين شين تي اثر پوندو

اسان کي کپي ته اسان پلاسٽڪ جو استعمال بند ڪري ڇڏيون ۽ اسان کي کپي ته پلاسٽڪ فري ماحول ۾ جيون تنهن ڪري اسان کي کپي ته سمنڊن جي ڊي-ڪاربونيشن تي عمل ڪريون.

هن وڌيڪ چيو ته ملڪن ۾ وڌ ۾ وڌ نقصان انهيءَ ڳالهه جو ٿيو آهي جيتوڻيڪ اهي تمام گهٽ ڪاربان ماحول ۾ اڇلن ٿا.

موسمي ڦير گهير جي اثرن ۾ اهو به شامل آهي ته تمام گهڻي برٻادي ٿئي ٿي، چاهي اهو واچوڙو فائنا جنهن ملڪ پيوٽو روي کي تباهه ڪيو، صوماليا ۾ ٻار بک مرن ٿا. نائيجيريا ۾ ٻوڏن ڪري تباهي آئي آهي ۽ انگلينڊ ۽ آمريڪا ۾ باهيون ۽ گرمي به وڏڻ ڪري تباهي آئي آهي.

عالمي گرمي پد جي وڏڻ جو به سڄي دنيا ۾ اثر ٿئي پيو. هن وڌيڪ چيو ته موسمي ڦير گهير پاڪستان لاءِ تباهه ڪن ثابت پيو ٿئي ۽ اهو پاڪستان لاءِ پاڻيءَ جو مسئلو آهي.

وري سنڌ جي توانائي واري وزير جناب امتياز شيخ چيو ته:

اسان کي کپي ته اسان گرين ماحولياتي گيسون پيدا ڪيون ته جيئن اسان جو ملڪ سڌري.

تنهن ڪانپوءِ ملڪ جي نيول چيف ايڊمرل محمد افضل خان ڳالهايو. هن چيو ته پاڪستان موسمي ڦير گهير جي ڏس ۾ ڪافي ڪوشش ڪري رهيو آهي ته جيئن موسمي ڦير گهير جو پاڪستان تي گهٽ ۾ گهٽ اثر پوي.

اها حقيقت آهي ته پاڪستان موسمي ڦير گهير جي اثرن ۾ تمام اڳتي آهي اهو انهن ڏهن ملڪن ۾ آهي جتي تمام گهڻا اثر ٿين ٿا.

موسمي ڦير گهير هڪ حقيقت آهي اسان کي کپي ته ان بابت ڪوشش ڪندا رهون جو ڪوشش ڪرڻ سان ئي ڪوئي حل نڪري سگهي ٿو وري الله مان آسرو نه لاهڻ کپي جو شاهه لطيف چئي ويو آهي:

آسرو مَ لاهيج، سڄڻ ٻاجهارو گهڻو
شاهه لطيف

بقايا 01 ***

وڌيڪ چيو ته مان اصولن تي ڪڏهن به سمجهوتو نه ڪيو اسان جو آئين اسان جي سيني مسئلن جو حل ٻڌائي ٿو آئين تي عمل نه ڪرڻ جي ڪري اڄ اسان معاشي ۽ سياسي بحران جو شڪار آهيون، سياسي عمل ۽ چونڊن جو تسلسل ضروري آهي. عهدي تان استعيفيٰ ڏئي نيب چيئرمين چيو ته مان ڪنهن جي به خلاف ڪوڙو ڪيس نٿو هلائي سگهان، نه ئي ڪنهن جي خلاف ڪو ڪيس رڳو ان ڳالهه جي ڪري ختم ٿو ڪري سگهان ته جوابدار ڪنهن سهگاري شخصيت جو مٽ مائٽ آهي. سندس چوڻ هو ته نيب جي نوجوان آفيسرن تي يقين آهي ته اعليٰ اخلاقي قدرن ۽ قانون جي حڪمران جي اصولن کي برقرار رکندا. واضح رهي ته آفتاب سلطان اڳوڻي نيب چيئرمين جاويد اقبال جي رٽائرمينٽ ڪانپوءِ جولاءِ به هزار ٻاويهه ۾ نيب جي سربراهي سنڀالي هئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته وزيراعظم شهباز شريف نيب چيئرمين آفتاب سلطان جي استعيفيٰ منظور ڪري ورتي آهي. آفتاب سلطان وزيراعظم کي ملاقات ۾ چيو ته هو هن ماحول ۾ ڪم نٿو ڪري سگهي.

بقايا 02 ***

جون پگهارون ڪيون آهنوليس اختيارين طرفان سکر ضلعي جي 575 اهلڪارن جون پگهارون بند ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي

بقايا 03 ***

سان گاڏيون هلائين ٿا، جڏهن ته ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن کاتي نيون مشين ريڊيبل نمبر پليٽس جاري ٿي ان مقصد لاءِ ڪيون آهن ته جيئن گاڏين جا تفصيل فوري معلوم ڪري سگهجن. هن چيو ته سنڌ حڪومت انهن سمورن شين کي درست ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، 28 فيبروري کان پوري صوبي ۾ ايڪسائيز کاتي پوليس ۽ رينجرز باقاعده ڪريڪ ڊائون جي شروعات ڪندا. اهڙن خيالن جو اظهار هن اڳاري ڏينهن سنڌ اسيمبلي سيشن ۾ ڳالهائيندي ڪيو. هن چيو ته سنڌ حڪومت نٿي چاهي ته عوام کي تڪليف پهچائي وڃي، ان لاءِ هڪ هفتي جو وقت ڏنو آهي، بهتر اهوئي آهي ته عوام آنهن شين کي پاڻ ئي ٺيڪ ڪري وٺي. هن چيو ته وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه سختي سان هدايت ڏني آهي ته ڪنهن کي به هٿيارن جي نمائش ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. پوليس ۽ رينجرز جي اهلڪارن کي به صرف وردي ۾ هٿيار کڻي ڪري هلڻ جي اجازت هوندي، وردي جي بغير ڪنهن اهلڪار کي به هٿيار پاڻ سان کڻي ڪري هلڻ جي اجازت نه هوندي. صوبائي وزير چيو ته خانگي سڪيورٽي ڪمپنين جي گارڊز کي به هٿيارن جي نمائش ڪرڻ جي اجازت ناهي، جيڪڏهن سڪيورٽي ڪمپنين جا گارڊز هٿيارن جي نمائش ڪندي نظر آيا ته انهن خلاف به ڪارروائي ڪئي ويندي. هن چيو ته خانگي گاڏين تي سنڌ حڪومت ۽ حڪومت پاڪستان جي جعلي نمبر پليٽس استعمال ڪيون وينديون آهن، انهن خلاف پڻ سخت ڪارروائي ڪئي ويندي، ڪنهن کي رعايت نه ڏني ويندي. صوبائي وزير چيو ان رجسٽرڊ ٿيل گاڏين خلاف پڻ ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ شوروم مالڪن کي اجازت نه هوندي ته اهي اڻ رجسٽرڊ گاڏيون وڪرو ڪن. ڪا به گاڏي شو روم مان نه نڪرندي، جيستائين اها رجسٽر نه ٿي ٿئي. هن چيو اوپن ليٽر تي هلندڙ گاڏين کي به ضبط ڪيو ويندو جڏهن ته گاڏين تي هوٽر ۽ ٽنٽيڊ گلاس لڳائڻ جي به اجازت نه هوندي.

هن چيو ته مخالف ڌر جي بينچز پاران به حڪومت جي ان قدم کي ساراهيو پيو وڃي، جيڪا هڪ خوشي جي ڳالهه آهي. هن چيو ته پوري اسيمبلي مان ان معاملي تي هي پيغام وڃي، سمورا چونڊيل نمائندا ان معاملي تي گڏيل آواز ٿين. هن چيو ته اسان سڀ ان قسم جي اهم اشوز تي هڪ ٿياسين ته عوام جا اهم مسئلا حل ۽ دهشتگردي جهڙي لعنت کي ختم ڪري سگهون ٿا.

بقايا 04 ***

قرار ڏئي ڇڏيون آهن. 20 فيبروري تي لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کان پوءِ پي ٽي آءِ اپوزيشن جي وڏي پارٽي آهي. ان ڪري اپوزيشن اڳواڻ پي ٽي آءِ جو هجڻ گهرجي. خط ۾ چيو ويو آهي ته اپوزيشن اڳواڻ جي تبديلي لاءِ قدم کنيا وڃن چو ته نيب قانون تحت نيب چيئرمين جي مقرري لاءِ اپوزيشن اڳواڻ ۽ اسيمبلي اڳواڻ جو ڪردار اهم آهي ان ڪري آفتاب سلطان جي جڳهه نئين مقرري جي لاءِ پي ٽي آءِ جي اپوزيشن اڳواڻ جي مشاورت سان ٿيندي.

بقايا 05 ***

ته هي ايران سنڌي لنگوئيج اٿارٽي کي عالمي ڪانفرنس ڪرائڻ تي ڀيڻا پيش ڪري ٿوساڳيو نهراءُ ب ب اير پي اي ماروي فصيح به پيش ڪيو، جنهن ۾ چيو ويو ته موهن جي دڙو مان پڻ لڪ ملي ٿي جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته پنج هزار سال اڳ به لکت موجود هئي. هن نهراءُ وسيلي مطالبو آهي ته سنڌي ٻولي سميت سمورين مادري ٻولين کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي پير سوهو چيو ته سنڌي تهذيب پنج هزار سال پراڻي تهذيب آهي، سنڌي ٻولي خوبصورت ٻولي آهي، امڙ به سنڌي ۾ لولي ڏيندي آهي، اسان جو ٿون نسل گهرن ۾ سنڌي ٻولي نه ٿو ڳالهائيصوبائي وزير شهلا رضا چيو ته اسان کي مادري ٻولين تي فخر آهي. متحده اير پي اي محمد حسين چيو ته هي نهراءُ اهم آهي. اسان هن نهراءُ جي حمايت ڪيون ٿاتعليم واري وزير سردار شاهه چيو ته صوبي ۾ رجسٽرڊ خانگي اسڪولن جوانگ 15 هزار آهي پر انهن تي سنڌي ٻولي جي استادن کي سنڌي ٻولي سيکارڻ جا سرڪيولر جاري ڪيا آهن. تعليم کاتو سنڌي ٻولي جي سينٽر ڪولي رهيو آهيهن چيو ته انڊس ويلي جي اسڪرپٽ جي ڀاڃ اڄ تائين نه ٿي سگهي آهي. هي رياست بنگلاديش مان سبق سکي ۽ مادري ٻولين کي قومي ٻولي جو درجو ڏئي. قومي اسيمبلي مان ٻل پاس ٿين سان وفاق مضبوط ٿيندواڳوڻي وڏي وزير قائم علي شاهه چيو ته هي اهم نهراءُ آهي پر ڪرسيون سڀ خالي پيل آهن. 72ع ۾ علائقائي ٻولين کي ترجيح ڏيڻ هئي. سنڌ اسيمبلي ۾ سنڌي ٻولي کي ترجيح ڏيڻ وارو نهراءُ مون پيش ڪيو هو. پٺي ڏينهن اردو اخبارن لکيو ته اردو ڪا جنازو ذرا ڌوم سي نڪلي

بقايا 06 ***

تي آيل ٻن خطرناڪ زلزلن جي تباهين سبب ترڪيا ۽ شام ۾ چوٽيتاليهه هزار کان مٿي ماڻهن جون حياتيون ڪسي ورتيون هيون ۽ لکين ماڻهن کي بي گهر ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 07 ***

مڪمل ڪرڻ لاءِ سمورن مسئلن کي وقت تي حل ڪرڻ سنڌ حڪومت جي ترجيحات ۾ شامل آهي. هن هدايتون ڏنيون ته مليرايڪسپريس وي جي آبپاشي کاتي سان لاڳاپيل معاملن کي جلد کان جلد حل ڪيو وڃي. هي هدايتون هن ملير ايڪسپريس وي جي تفصيلي دوري جي موقعي تي ڏنيون. هن آبپاشي کاتي جي چيف انجنيئر ڪوٽڙي بيراج ۽ ٻين لاڳاپيل انجنيئرن ۽ ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ يونٽ

اسد ضامن سان گڏ قيوم آباد کان ايم نائن تائين ملير ايڪسپريس وي جو تفصيلي دورو ڪيو ۽ چيو ته ملير ايڪسپريس وي منصوبي کي وقت تي مڪمل ڪرڻ لاءِ سمورن دريپش مسئلا جلد کان جلد حل ڪيا وڃن ته جيئن عوامي مفاد جي هن منصوبي کي تيز رفتاري سان مڪمل ڪري سگهجي.

بقايا 08 ***

جي منظوري لاءِ سنڌ ڪابينا کي سمري موڪلي ويندي. منظور وسان جو چوڻ هو ته ڪمند جي قيمت 450 روپيا في مڻ ڪرڻ سان آبادگارن پنهنجي چيل سڌي ڪري سگهندا ۽ زراعت تي توجه ڏيندا. واضح رهي ته سنڌ ۾ 4 مهينا اڳ ڪمند جي قيمت 302 روپيا في مڻ مقرر ڪئي وئي هئي.

بقايا 09 ***

راولپنڊي ۾ طلب ڪيو ويو آهي. نيب جي نوٽيس ۾ عمران خان کان توشا خانا کان ورتل ست تحفن بابت پڇيو ويو آهي. نوٽيس ۾ شامل تحفن ۾ ڇهه رولڪس واچن بابت پڇاڻو ڪيو ويو آهي. انڪشاف قطري هٿيار بند فوج جي چيف آف اسٽاف جي ڏنل هڪ آءِ فون بابت به سوال ڪيو ويو آهي. نيب ذريعن ٻڌايو آهي ته توشا خانا ڪيس ۾ ست مارچ تي پي ٽي آءِ اڳواڻ پرويز خٽڪ ۽ شاهه محمود قريشي کي به طلب ڪيو ويو آهي جڏهن ته فواد چوڌري کي اٺ مارچ تي طلب ڪيو ويو آهي.

بقايا 10 ***

هر هڪ منصوبي مان 1000 ميگاواٽ تائين ونڊ ۽ سولر پاور جنريشن جا منصوبا قائم ڪري سگهجن ٿا. سنڌ جي توانائي واري وزير پنهنجي خط ۾ وڌيڪ چيو ته حيران ڪندڙ ڳالهه اها آهي ته متبادل قابل تجديد توانائي بورڊ (اي آر ڊي بي) سنڌ ۾ 25 مان صرف هڪ سولر پاور پراجيڪٽ کي مقابلي لاءِ چونڊيو آهي جڏهن ته ملڪ ۽ عوام هن وقت سخت مهانگائي کي منهن ڏئي رهيا آهن. عوام سستي بجلي چاهي ٿي جنهن جو حل صرف سنڌ وٽ آهي پر سنڌ جي سولر ۽ ونڊ انرجي منصوبن کي ڪافي عرصي کان نظرانداز ڪيو پيو وڃي هن چيو ته سنڌ جي 1,875 ميگاواٽ ونڊ ۽ 1,400 ميگاواٽ سولر پاور جنريشن پروجيڪٽ ڪيترن ئي سالن کان مقابلي واري ٻولي جي انتظار ۾ آهن. هن وڌيڪ چيو ته شفاف ۽ سستي توانائي حاصل ڪرڻ لاءِ صرف محدود گنجائش وارن منصوبن کي ٻولي ۾ شامل ڪرڻ ناانصافي آهي امتياز شيخ چيو ته مان وفاقي حڪومت کي ياد ڏيارڻ چاهيان ٿو ته موجوده حڪومت مهانگائي امپورٽيڊ فيول پاور جنريشن منصوبن کي سستي ۽ شفاف توانائي جي منصوبن سان تبديل ڪرڻ جو عزم ڪيو آهي ۽ متبادل قابل تجديد توانائي پاليسي 2019ع موجب ونڊ مان 2139 ميگاواٽ بجلي جا 31 منصوبا ۽ 4193 ميگاواٽ جا 69 سولر پاور جنريشن منصوبا مقابلي لاءِ پيش ڪيا وڃن ها پر متبادل قابل تجديد توانائي بورڊ (AEDB) بغير ڪنهن واضح معيار جي صرف 22 ونڊ ۽ 27 سولر پروجيڪٽس کي شارٽ لسٽ ڪيو امتياز شيخ پنهنجي خط ۾ شڪايت ڪئي ته سنڌ جي 25 سولر منصوبن مان صرف هڪ کي چونڊڻ ناانصافي آهي. سيني کي خبر آهي ته سنڌ قابل تجديد ۽ متبادل توانائي جي وسيلن سان مالا مال صوبو آهي. پر توانائي واري وفاقي وزارت جي درخواست تي عالمي بئنڪ جي قابل تجديد توانائي جي مطالعي ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته سنڌ ۾ ٽرانسميشن لائين ۽ ڊسٽريبيوشن نيٽ ورڪ ۾ ٿوري اپ گريڊيشن ڪانپوءِ 2025 تائين 6765 ميگاواٽ شمسي ۽ ونڊ پاور ۽ 2030 تائين 10035 ميگاواٽ بجلي فراهم ڪري سگهجي ٿي. پر ماحول دوست بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ سنڌ جا قدرتي وسيلا هئڻ جي باوجود مقابلي لاءِ سنڌ جي منصوبن کي نه چونڊڻ سنڌ سان زيادتي آهي. ان ڪري ٻولي ۾ شامل ڪيو وڃي ته جيئن سستي، شفاف ۽ ماحول دوست توانائي منصوبن جي حوصلا افزائي ٿي سگهي.

بقايا 11 ***

سان ڪوڙ ڳالهائڻ ڪانسواءِ ڪجهه به نه ڪري سگهي آهي. پيپلز پارٽي جي عوامي حڪومت خدمت تي يقين رکي ٿي. اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي تڪ ڀنوعاقل ۽ مختلف هنڌن تي ترقياتي ڪمن جي افتتاحي تقريب دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. صوبائي وزير 10 ڪروڙ روپين جي لاڳت سان چيچڙو لنڪ روڊ ڪان مهيسرو اسٽاپ، گوٺ مولي ڏنو، گوٺ سوڍو ميربحر، گوٺ مهر ميربحر، گوٺ جادو انڊڙ، گوٺ احسن ڪوڪر، گوٺ محمد سجل ملاح، گوٺ گل حسن گمب ۽ ٻين لنڪ روڊن جو افتتاح ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته تمام جلد ٻين ترقياتي اسڪيمن جو پڻ افتتاح ڪيو ويندو. پيپلز پارٽي جي حڪومت عوام جي اميدن جي

ترجماني ڪندي آهي. هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري تازو برسات ۾ ٻوڏ متاثرن کي گهر فراهم ڪرڻ جو پنهنجو واعدو پورو ڪيو آهي ۽ تمام جلد گهر ڌاهي متاثرن کي مالڪاڻا حق سان گڏ گهر تعمير ڪري ڏنا پيا وڃن.

بقايا 12 ***

۽ پنجاب اسيمبلي جي عام چونڊن جي تاريخ جي حوالي سان اليڪشن ڪميشن ۾ مشاورتي اجلاس ٿيو اجلاس ۾ صدر عارف علوي طرفان اماڻيل خط ۽ 9 اپريل تي عام چونڊون ڪرائڻ جي هدايت تي غور ڪيو ويو ۽ مشاورتي اجلاس ۾ ڪو به فيصلو نه ٿي سگهيو اجلاس کان پوءِ اليڪشن ڪميشن طرفان جاري ڪيل پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته اليڪشن ڪميشن هر وقت آئين ۽ قانون تحت 90 ڏينهن ۾ چونڊون ڪرائڻ لاءِ تيار آهي آئين ۽ قانون موجب بنا ڪنهن دٻاءَ جي فيصلا ڪندا رهنداسين. پڌرائي ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته آئين ۽ قانون کي ڪٿي به اهو ناهي لکيل ته چونڊن جي تاريخ اليڪشن ڪميشن ڏيندو. لاڳاپيل اٿارٽي طرفان تاريخ مقرر ڪرڻ کان پوءِ ڪميشن فوري طور تي شيڊول ڏئي چونڊ ڪرائڻ جو پابند آهي. اليڪشن ڪميشن پنهنجي پڌرائي ۾ وڌيڪ چيو آهي ته اجلاس ۾ صدر عارف علوي طرفان تاريخ مقرر ڪرڻ کان پوءِ تفصيلي غور ڪيو ويو اٽارني جنرل ۽ ٻين قانوني ماهرن کان رهنمائي وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. مشاورت جي لاءِ 2 آئيني ۽ قانوني ماهرن جي چونڊ ڪئي پئي وڃي. ان سلسلي ۾ اليڪشن ڪميشن رهنمائي جي لاءِ اٽارني جنرل کي سياسي مشاورت جي دعوت ڏئي ڇڏي آهي.

بقايا 13 ***

ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. اسلام آباد ۾ پاڪستان بار ڪائونسل جي وائيس چيئرمين حسن رضا پاشا صحافين سان ڳالهه ٻولهه ڪندي ٻڌايو ته اجلاس ۾ سيني صوبائي بار ڪائونسلن، اسلام آباد بار ڪائونسل جي چيئرمين ۽ ميمبرن جوڊيشل ڪائونسل کي سڏ ڏنو آهي ته هاڻوڪي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪري. هن ٻڌايو ته اجلاس ۾ آڊيو ليڪ جو معاملو اٿاريو ويو آڊيو ليڪز جي فارنزڪ جو مطالبو چيف جسٽس کان ڪيو ويو ۽ سپريم ڪورٽ بار ڪائونسل جي مطالبي تي ڪو به رد عمل نه ڏيکاريو. هن چيو ته اجلاس ۾ اتفاق راءِ سان فيصلو ڪيو ويو آهي ته سپريم ڪورٽ جي جج خلاف سڀ جي سڀ بار ڪائونسلز الڳ الڳ ريفرنس فائل ڪنديون. آرٽيڪل 200 تحت سپريم ڪورٽ جي جج خلاف ريفرنسز ايندڙ هفتي داخل ڪيا ويندا. سنڌ، بلوچستان، پشاور، لاهور، اسلام آباد ۽ پاڪستان بار ڪائونسل ريفرنسز داخل ڪنديون. حسن رضا پاشا جو چوڻ هو ته چيف جسٽس کان مطالبو ڪيو هو ته آڊيو ڪوڙي آهي يا سچي. ذميوارن کي سزا ڏيو جن جن کي نظرانداز ڪري جونيئر جج مقرر ڪيا ويندا آهن اها آهي جذبي سان ڪم ناهن ڪندا. جيڪي جج سپريم ڪورٽ ۾ مقرري جي قابل ناهن اهي هاءِ ڪورٽ ۾ رهڻ جي به قابل ناهن هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان بار ڪائونسل عابد زبيري کي نوٽيس جاري ڪندي ۽ ڪانئس جواب وٺندي. اميد آهي ته آڊيو ليڪ واري جج عهدي تان استعيفيٰ ڏيندا. سندس چوڻ هو ته جسٽس قاضي فائز عيسيٰ خلاف ريفرنس بدنيتي تي ٻڌل هو انڪري حڪومت جسٽس فائز عيسيٰ جي ريفرنس واري فيصلي تي نظرثاني اپيل واپس ورتي.

بقايا 14 ***

قاسم علي شاهه کي ٽن سالن لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. خيال رهي ته قاسم علي شاهه موٽيويشنل اسپيڪر ۽ اسڪالر آهي جيڪو يوٽيوب تي پاڪستان ۾ مقبول آهي. تازو عمران خان بابت ڳالهه تي تڪرار به ٿيو ۽ پوءِ معاملي کي لٺ متي ڪيو ويو هو.

بقايا 15 ***

تي ويٺل آهن قومي اسيمبلي ۾ خيالن جو اظهار ڪندي خواجا آصف چيو ته اڄ ٻڌو آهي ته نيٺ عمران خان عدالت ۾ پهتو آهي. ويل چيئر، سيڪيورٽي ۽ ٻئي سڄي سياسي بازي تي رهي آهي، خواجا آصف چيو ته جيل ڀريو تحريڪ به ضمانت واري درخواست به، هتي ايوان ۾ ويٺل ماڻهن جيل ڏٺا آهن. قربانيون ڏنيون آهن. مشرور ڊينڊس نه توهان خميس تائين انتظار ڪيو. ڏسڻو ڇا ٿو ٿئي بجاءِ واري وزير چيو ته مملڪتي صدر پي ٽي آءِ ورڪر جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي. مملڪتي صدر کي اليڪشن جي تاريخ ڏيڻ جو اختيار ناهي، سندس ڇوڻ هو ته آئين ۾ سيني عهديدارن جون ذميواريون واضح آهن. صدر آئين اوراڻگهي ڪري اليڪشن جي تاريخ ڏئي رهيو آهي. مملڪتي صدر آئين جي پاسداري ڪري، اڄ آئين جي ڀڄڪڙي ٿي آهي.

بقايا 16 ***

جيل ڀريو تحريڪ جي حوالي سان امن امان جي صورتحال تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. اجلاس ۾ پي ٽي آءِ پاران اعلانيل جيل ڀريو تحريڪ جي حوالي سان امن امان جي صورتحال هر حال ۾ يقيني بڻائڻ جو فيصلو ڪيو ويو ته ان موقعي تي فيصلو ڪيو ويو ته امن امان جي صورتحال کي هر صورت ۾ يقيني بنايو ويندو ۽ قانون ٽوڙيندڙن کي گرفتار ڪيو ويندو ان موقعي تي رانا ثناءالله چيو ته جيل ڀريو تحريڪ جو اصل مقصد ڊرامو ڪري ميڊيا جو ڌيان حاصل ڪرڻ آهي. قانون ٽوڙيندڙن خلاف ڪارروائي ڪري عوام جي سامهون آڻينديون. وفاقي گهرو وزير هدايت ڏني ته قانون ٽوڙيندڙن جو اصل چهرو بي نقاب ڪيو وڃي. عورتن ۽ غريب ڪارڪنن جي گرفتاري کان پاسو ڪيو وڃي.

بقايا 17 ***

رشيد اسلام آباد ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو ته منهنجي گهر تي پوليس ڌاڙو هنيو ۽ قيمتي شيون چوريون ڪيون. آبپاره پوليس منشيات فروشي جي لاءِ مشهور آهي. هن چيو ته 23 فيبروري تي مري روانو ٿيندس اميد آهي ته لائسنس وارا هٿيار ۽ گهوڙيون واپس ملي ويندا. صدر عارف علوي پنهنجو حق ادا ڪري چڪو آهي، ملڪ ۾ چونڊون ته ٿيون ته خانه جنگي ٿيندي. شيخ رشيد چيو ته 22 فيبروري تي گرفتاري ڏيڻ جي لاءِ تيار آهيان. خبر ناهي ته چونڊون ٿينديون يا نه پر دهل حڪومت جي گلي ۾ لٽڪيل رهندو. هن چيو ته صدر کي گهرجي ته وزيراعظم شهباز شريف کي اعتماد جو ووٽ وٺڻ جو چوي. ڪالهه 170 ارب جو مني بجيٽ 60 ماڻهن پاس ڪيو ايوان جي ڪارروائي لاءِ 86 ميمبرن جي ضرورت هوندي آهي. ڪيترائي سرڪاري ميمبر به حڪومت سان گڏ نه آهن. حڪومت جي اتحاد ۾ ڏار پئجي چڪا آهن. شيخ رشيد چيو ته ڪالهه لاهور جي عوام ٻاهر نڪري ايوان جي ٿنڀن کي هلائي ڇڏيو آهي. حڪومت ڌاس جي پٽن جيان پڪڙجڻ شروع ٿي وئي آهي. آفتاب سلطان جي استعيفيٰ ان جي پهرين ڪڙي آهي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان ۾ 50 ڪروڙ کان گهٽ ڪرپشن جي ڪلي ڇوٽ آهي. قوم سپريم ڪورٽ طرف ڏسي رهي آهي. نيب ترميم تي تاريخي فيصلو اچي سگهي ٿو.

بقايا 18 ***

۾ موجود عورت مبينه طور تي هاڻ مارجي چڪي آهي ۽ ان جو لاش کوهه مان مليو آهي. وڊيو ۾ گرانٽاز نالي عورت قرآن پاڪ هٿن ۾ کڻي ڏانهينديل نجي جيل مان آزاد ڪرڻ لاءِ منٿون ڪندي رهي. هن چيو ته مان ڌيءَ ۽ پٽن سميت قيد آهيان مون کي آزاد ڪيو وڃي. وڊيو ۾ عورت ڪي جو قسم ڪندي الزام هڻي ٿي ته صوبائي وزير سردار عبدالرحمان کيتران اسان کي جيل ۾ قيد ڪيو آهي منهنجي ڌيءَ سان هو روز زيادتي ڪري رهيو آهي. منهنجي پٽن کي به قيد ڪيو ويو آهي، اسان کي ڪير آزاد ڪرائي. اهڙي ريڊيو سوشل ميڊيا تي جاري ٿيڻ کان پوءِ عورت ۽ سندس ٻن پٽن جا تشدد ٿيل لاش بارکهان جي کوهه مان هٿ آيا آهن. پوليس جو چوڻ آهي ته ٽنهي جڻن کي فائرنگ ڪري قتل ڪيو ويو آهي جڏهن ته عورت جي چهري تي تيزاب پڻ هاريو ويو آهي. مقتولا عورت جي مڙس خان محمد مري نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي چيو ته مان زندگي بچائڻ لاءِ روپوش آهيان کوهه مان ملندڙ لاش منهنجي زال ۽ پٽن جا آهن اجان به منهنجا 4 پٽ ۽ هڪ ڌيءَ عبدالرحمان کيتران وٽ قيد آهن. ٻئي پاسي کرهلو پوليس لاش ملڻ باوجود نه ايف آءِ آر ڪاٽي آهي نه ئي ميڊيڪل ڪرايو جڏهن ته مقتولن جي جنازي نماز مقامي مري قبيلي طرفان ادا ڪئي وئي آهي. ان حوالي سان بلوچستان جي سڌ سماءَ واري وزير عبدالرحمان کيتران 3 ڄڻن جي قتل ۽ نجي جيل جي الزام کي رد ڪندي چيو آهي ته اهڙو الزام منهنجي ساک کي نقصان پهچائڻ جي سازش آهي. عبدالرحمان کيتران چيو ته منهنجي گهر تي گڏيل حڪومت جي دور ۾ تلاشي ورتي وئي، جيل هجي ها ته خبر پئجي وڃي ها جيڪڏهن اجان به ڪنهن کي شڪ آهي ته منهنجي گهر ۾ اچي ڏسي سگهي ٿو هن وڌيڪ چيو ته مون کي علائقائي سياست جي حق کان محروم رکڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي پئي وڃي. ڪجهه ماڻهو علائقي جو امن خراب ڪرڻ جي لاءِ منهنجي خلاف سازش ڪري رهيا آهن مون کي بدنام ڪرڻ جي سازش خلاف عدالت سان رابطو ڪندس.

بقايا 19 ***

ٿي هن شهر جي آبادي کي اڌ کان به گهٽ ڏيکاريو ويو جنهن تي اسان فلور آف دي هائوس شور ڪيو ان وقت جي وزيراعظم شاهد خاقان

عباسي اسان جي مطالبي تي 5 سيڪڙو سيمپل آدمشماري جو چيو ان کان پوءِ پي ٽي آئي جي حڪومت اسان جي مطالبي تي مڪمل آدمشماري جو فيصلو ڪيو اهڙن خيالن جو اظهار ايم ڪيوايم پاڪستان جي سينيئر ڊپٽي ڪنوينر ڊاڪٽر فاروق ستار، رابطا ڪميٽي جي ميمبرن سان گڏ عارضي مرڪز بهادرآباد تي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو. سندس چوڻ هو ته ڪراچي وارن کي اپيل آهي ته اهي پنهنجي گهڻ ڪرائين جيڪڏهن ڪراچي جي عوام کي پنهنجو حق وٺڻو آهي ته پنهنجي گهڻ ڪرائي پوندي آدمشماري جي پهرين مرحلي جي شروعات اڄ 20 فيبروري کان شروع ٿي چڪي آهي جيڪا 2 مارچ تائين اجري رهندي، پهرين مرحلي ۾ هر شهري ويب پورٽل ذريعي پاڻ کي رجسٽرڊ ڪراچي سگهي ٿو جڏهن ته ٻيو مرحلو هڪ مارچ کان 30 مارچ تائين جاري رهندو هاڻي سمورن شهرين جي ذميواري آهي ته اهي پنهنجو پاڻ کي لازمي ڳڻپ ڪرائين ڊاڪٽر فاروق ستار چيو ته حڪومت ۽ مختلف ادارا ڪراچي جي آبادي ڪٿي 3 ڪروڙ ٻڌائين ٿا ۽ ڪٿي 4 ڪروڙ ٻڌائين ٿا اسان کي خدشو آهي ته آدمشماري جي هي مٿيج به فڪس مٿيج آهي مان سنڌ جي سمورن شهرين خاص ڪري ڪراچي، حيدرآباد، سکر، نوابشاهه ۽ ميرپورخاص جي شهرين کي اپيل ڪريان ٿو ته ڳڻپ ڪندڙ جنهن جنهن جي گهر ۾ اچن انهن کي لازمي ڳڻيو وڃي ڪراچي جي هر فليٽ، گهر، جهوپڙي کي ڌار ڌار ڳڻيو وڃي 2017ع جي آدمشماري ۾ مڪمل عمارتن کي هڪ ڳڻيو ويو جيڪا زيادتي هئي جي هڪ هڪ عمارت ۾ 100 کان وڌيڪ فليٽ هوندا آهن سمورن شهرين کي ان حوالي سان پاڪستان بيورو آف اسٽيٽسڪس جي نمائندن سان تعاون ڪرڻو آهي هر اهو شخص جيڪو ڪراچي ۾ رهي ٿو ۽ هتي ڪمائي ٿو ڪاٿي ڪرڻ ان کي گهرجي اسان ان ڳالهه تي ضد ڪيو ته آدمشماري جي فيڪٽو اصول مطابق ٿيڻ گهرجي چو ته سڄي دنيا ۾ آدمشماري جي فيڪٽو اصول تحت ٿيندي آهي هن وڌيڪ چيو ته پيپلزپارٽي جي گڏيل 15 سالن کان شهري سنڌ سان تعصب وارا قدم سيني جي سامهون آهن ۽ هاڻوڪي آدمشماري ۾ ڳڻپ ڪندڙن جي مقرري پيپلزپارٽي جي صوبائي حڪومت ڪئي آهي جنهن جو انهن ڳڻپ ڪندڙن تي ڪرڻي اعتماد نه آهي اسان کي پيهر خدشا آهن ته پيپلزپارٽي جي چون تي پيهر سنڌ جي ٻين شهرن جي آبادي وڌيڪ ڏيکاري ويندي اسان کي هن معاملي تي سخت خدشا آهن ڳڻپ ڪندڙن جي مقرري ۾ خانگي ادارن، اسڪولن، ڪاليجن جي ملازمن کي به شامل ڪري سگهجي ٿو ڪراچي جا 16 هزار بلاڪ ڪري ڏيکاريا ويا آهن اهي بلاڪس جي حساب سان ڪليڪوليشن ڪن ۽ هر فڪس مٿيج لڳي ٿي ان ڳالهه جو ثبوت ڊجيٽل آدمشماري جي پهرين ڏينهن ويب سائيٽ جو بان ٿيڻ آهي جنهن سبب مرڪز بهادرآباد تي عوام جي شڪايتن لاءِ فون ڪالز اچي رهيون آهن لڳي ٿو ته ڪراچي جي آبادي هڪ ڪروڙ 80 لک کان 2 ڪروڙ تائين ڏيکارڻ جي پلاننگ ڪئي وئي آهي ڪراچي ۾ درست تڪندين جي تناسب سان قومي اسيمبلي جي 21 بدران 42 سيڪٽر ۽ صوبائي اسيمبلي جون 100 سيٽون هئڻ گهرجن اهڙي طرح حيدرآباد، سکر، نوابشاهه ۽ ميرپورخاص جون به سيٽون وڌڻ گهرجن. هن وڌيڪ چيو ته ڪراچي ۽ شهري سنڌ جو عوام هن آدمشماري ۾ ڀرپور فعال رهي هي شهري سنڌ جي عوام جي بقا جو معاملو آهي رياست کي فيصلو ڪرڻو آهي ته هي ملڪ جي ملڪ ۾ ڇا مقام آهي اسان هن ملڪ جي مقتدره کي به اپيل ڪريون ٿا ته انصاف ڪريو اڳوڻي ڪور ڪمانڊر چيو ته ڪراچي جي آبادي اڍائي ڪروڙ آهي 2013ع ۾ سينيٽر تاج حيدر مطابق ڪراچي جي آبادي 2 ڪروڙ 13 لک هئي اڄ 2023ع ۾ ڪراچي جي آبادي اڄا وڌيڪ وڌندي يا وري وڌيڪ گهٽ ٿيندي؟ اسان پنهنجا خدشا 10 پوائنٽ جي صورت ۾ صحافي پاڻن کي شيئر ڪري رهيا آهيون اهي خدشا سينسز ڪمشنر نعيم ظفر سان به شيئر ڪيا آهن جنهن ۾ ڪافي نقطن تي نعيم ظفر صاحب به ڪنفيوز نظر آيو ڊاڪٽر فاروق ستار وڌيڪ چيو ته آدمشماري ۾ گهپلو 1972 کان شروع ٿيو ان وقت پيپلزپارٽي جي پهرين حڪومت آئي هئي پر موجوده آدمشماري ۾ هن شهر جي اپڻ آبادي به ڳڻپ وڃي جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته پوءِ اسان شهري سنڌ جي ٿينڙن شهرن جي لاءِ نرمي اسين ته اهو عوام فيصلو ڪري اسان پنهنجي عوام سان رابطي ۾ آهيون ان آدمشماري جي حوالي سان ڪشب لڳائي رهيا آهيون مان جماعت اسلامي، پي ٽي آءِ ۽ ٽي ايل پي کي به اپيل ڪندس ته اهي هن آدمشماري ۾ پنهنجو خاص ڪردار ادا ڪن ۽ ڪراچي جي سمورين سياسي ۽ مذهبي پارٽين کي به دعوت ڏيان ٿو ته اهي پنهنجي ڪارڪنن

ڪي آدمشماري لاءِ فعال ڪن. ان موقعي تي حق پرست صوبائي اسيمبلي ميمبر ۽ مرڪزي اليڪشن سيل جا ذميوار به موجود هئا.

بقايا 20 ***

ڊالر گهٽ ٿي هڪ هزار 832 ڊالر في اونس ٿيو آهي.

بقايا 21 ***

جي جاري ڪيل اعلاميه جي مطابق گهٽ ۾ گهٽ پگهار ايڪٽ 2015ع جي تحت هر فيڪٽري مالڪ ان تي عملدرآمد ڪرڻ جو پابند آهي ۽ غيرهنرمند پورهيتن کي گهٽ ۾ گهٽ 25 هزار روپيا مهينوار پگهار ڏنا ڪرڻي پوندي، هن جاري ڪيل اعلاميه جي ذريعي سنڌ صوبي جي سمورن فيڪٽري مالڪن کي هدايت ڏني وئي آهي ته هو گهٽ ۾ گهٽ پگهار 25 هزار روپيا مهينوار جي ادائيگي جي حوالي سان غيرهنرمند ورڪرن جي آگاهي لاءِ تصديق ٿيل بيان کي فيڪٽري جي هال ۾ ٻاهر هڪ مناسب سائيز جا بينرز يا بورڊ ذريعي نمايان / ڊسپلي ڪري ڏيکارين.

بقايا 22 ***

خان سان ملاقات ڪئي ملاقات ۾ ق ليگ پنجاب جو اڳوڻو صدر پنهنجي پارٽي کي پي ٽي آءِ ۾ ضم ڪرڻ جو حتمي فيصلو ڪيو ملاقات ڪانپوءِ اڳوڻي وڏي وزير ۽ فواد چوڌري صحافين سان ڳالهه ٻولهه ڪئي.

بقايا 23 ***

جي گولا شروع ڪري ڇڏي آهي. مقامي ماڻهن واقعي خلاف ڪوئٽه تافتان قومي شاهراهه کي بلاڪ ڪري ڇڏيو شهيد ليويز اهلڪارن جا لاش اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن. بلوچستان جي گهرو وزير مير ضياءَ لانگو مستونگ ليويز چيڪ پوسٽ ۽ چمن ناڪي تي حملن جي مذمت ڪئي آهي. جڏهن ته بلوچستان جي وڏي وزير عبدالقدوس بزنجو به مستونگ ۾ 2 ليويز اهلڪارن جي شهادت ۽ چمن ۾ ليويز چيڪ پوسٽ تي فائرنگ جي مذمت ڪئي آهي. بلوچستان جي وڏي وزير چيو ته صوبي ۾ دهشتگردي جا واقعا گهٽجي جوڳا آهن دشمن صوبي جو پرامن ماحول خراب ڪرڻ چاهين ٿا. دهشتگرد عناصرن کي قانون جي گرفت ۾ آڻڻ جي لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا ويندا. وزيراعظم شهباز شريف مستونگ ۽ ليويز چيڪ پوسٽ تي دهشتگرد حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي شهيد ٿيندڙ ليويز اهلڪارن جي لاءِ دعا ڪئي ۽ پوئينرن سان تعزيت جو اظهار ڪيو وزيراعظم حملي ۾ زخمي ٿيندڙن جي صحتيابي جي دعا ڪئي ۽ چيو ته دهشتگردن جو قلعو ختم ڪرڻ لاءِ سيڪيورٽي فورسز جا ارادا بلند آهن. شهيدن کي پوري قوم سلام پيش ڪري ٿي.

بقايا 24 ***

پوليس شاگردن مٿان لٺبازي ڪئي آهيشاگردن جو چوڻ هو ته هڪ ته برسات ۽ ٻوڏ غريبن کي تباهه ڪري ڇڏيو، ڪيترن ماڻهن جا گهر ڊهي ويا، ڪنهن به راهت نه ڪئي، مهانگائي، بيروزگاري ۽ ٻوڏ واڌ سبب سخت پريشانيون ۽ ولنجي ويا آهيون، والدين خرچ ڏنا پري سگهنشاگردن ڏانهيو ته گاني ٽوڙ مهانگائي غريب طبقي کي اڳهڪات ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي، پرامن احتجاج ڪرڻ تي پوليس لٺبازي ڪري ظلم ڪيو آهي.

بقايا 25 ***

پيغام آهي. نيب چيئرمين جي استعيفيٰ فاشسٽ نظام کي ٽوڙڻ طرف هڪ وڏو قدم آهي. هڪ بيان ۾ فواد چوڌري چيو ته آفتاب سلطان پنهنجي ڪم ۾ مداخلت جي خلاف استعيفيٰ ڏني آهي نيب چيئرمين جي استعيفيٰ تحريڪ انصاف جي موقف جي واضح تصديق آهي. مان هن 22 آفيسرن کي جن کي پنجاب ۾ مداخلت جي لاءِ لڳايو ويو آهي، چوان ٿو ته هو به پاڻ کي هن نظام کان ڌار ڪري، اهو ملڪ ۽ بيوروڪريسي ٻنهي جي مفاد ۾ آهي. فواد چوڌري چيو ته اسان پهرين ڏينهن کان چئي رهيا آهيون ته احتساب جي نظام جي تباهي اين آر او ٽو ڏئي آندي وئي. هن ڌوهارين سازش سان اقتدار مليندي ئي سيني کان پهريان نيب کي تباهه ڪيو هن پنهنجي 11 سئو ارب روپين جي چوري بچائڻ جي لاءِ نيب جي قانون ۾ شرم جوڳيون ترميمون ڪيون. هن چيو ته لازمي آهي ته رياستي ادارا ڌوهارين جي اشارن تي ڪيڏڻ جي بجاءِ ۽ آئين ۽ قانون جي بالادستي جي راهه اختيار ڪن ڪٿ بتلي راڄ انشاءالله جلد انجام تي پهچندو رياست ۽ عوام کي اڳيان وڌڻو آهي.

بقايا 26 ***

زالا نور گڏريل مهيني افغانستان مان آيو هو جاچ عملدارن موجب ڪراچي پوليس آفيس

تي حملو ڪندڙ دهشتگردن جو روٽ ميپ تيار ڪرڻ شروع ڪيو ويو آهي. دهشتگرد ايمپريس مارڪيٽ صدر طرفان آيا، سهولتڪار موٽرسائيڪل سان گڏ آيا ۽ ڪين ڇڏي واپس ويا. ٻڌايو ويو آهي ته هٿيار ۽ ٿيلها کڻي ڪي پي او ۾ داخل ٿيا. جوابدارن بابت چيو پيو وڃي ته هو ڪراچي پوليس آفيس جي اندروني رستن کان واقف هئا.

بقايا 27 ***

اڳوڻ شاهد خاقان عباسي جي گرفتاري لاءِ ضمانت نه ٿيڻ جوڳا وارنٽ جاري ڪيا هئا. احتساب عدالت جي جج ناصر جاويد ڪيس ۾ غيرحاضريجي باوجود ڇوٽ جي درخواست داخل نه ڪرڻ تي وارنٽ جاري ڪيا.

بقايا 28 ***

پوندو صوبائي وزير چيو ته امتحاني طريقي ۾ او اير آر مشين کي بورڊز ۾ شامل ڪيو وڃي، ٽيڪنالاجي جي استعمال سان بورڊز ۾ ڪرپشن کي به روڪي سگهجي ٿو سردار شاهه چيو ته اسٽيئرنگ ڪميٽي وڏي تعداد ۾ ميمبرن تي مشتمل آهي. ڪجهه مسئلن جي حل لاءِ ڪميٽيون قائم ڪيون آهن. ورڪنگ ڪميٽي مختلف معاملن تي اهم فيصلن تي تجويزون ڏيندي سردار شاهه چيو ته پاڪستان لٽريچر فيسٽيول لاهور ادبي حوالي سان ثقافت کاتي تي بي بنياد ۽ گمراهه ڪندڙ الزام لڳايا ويا آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جي طرفان لاهور فيسٽيول منعقد ڪيو ويو، ثقافت کاتي هڪ رپيو به خرچ نه ڪيو

بقايا 29 ***

جي اگهن ۾ وڏي واڌ جو امڪان آهي، وفاقي حڪومت نيپرا کي اگهن ۾ واڌ لاءِ درخواست جمع ڪرائي ڇڏي آهي. وفاقي حڪومت پاران پاور هولڊنگ ڪمپني جي 800 ارب جي قرضن تي مارڪ اپ ادا ڪرڻ لاءِ نيپرا ۾ 3 روپيا 39 پئسا في يونٽ مهانگو ڪرڻ جي درخواست داخل ڪئي وئي آهي. نيپرا اٿارٽي 2 مارچ تي وفاقي حڪومت جي اگهن ۾ واڌ جي درخواست تي ٻڌڻي ڪندي.

بقايا 30 ***

سان گاڏيون هلائين ٿا، جڏهن ته ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن کاتي نيون مشين ريڊيبل نمبر پليٽس جاري ٿي ان مقصد لاءِ ڪيون آهن ته جيئن گاڏين جا تفصيل فوري معلوم ڪري سگهجن. هن چيو ته سنڌ حڪومت انهن سمورن شين کي درست ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، 28 فيبروري کان پوري صوبي ۾ ايڪسائيز کاتي پوليس ۽ رينجرز باقاعده ڪريڪ ڊائون جي شروعات ڪندا. اهڙن خيالن جو اظهار هن اڳاري ڏينهن سنڌ اسيمبلي سيشن ۾ ڳالهائيندي ڪيو. هن چيو ته سنڌ حڪومت نٿي چاهي ته عوام کي تڪليف پهچائي وڃي، ان لاءِ هڪ هفتي جو وقت ڏنو آهي، بهتر اهوئي آهي ته عوام آنهن شين کي پاڻ ئي ٺيڪ ڪري وٺي. هن چيو ته وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه سختي سان هدايت ڏني آهي ته ڪنهن کي به هٿيارن جي نمائش ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. پوليس ۽ رينجرز جي اهلڪارن کي به صرف وردي ۾ هٿيار کڻي ڪري هلڻ جي اجازت هوندي، وردي جي بغير ڪنهن اهلڪار کي به هٿيار پاڻ سان کڻي ڪري هلڻ جي اجازت نه هوندي. صوبائي وزير چيو ته خانگي سڪيورٽي ڪمپنين جي گارڊز کي به هٿيارن جي نمائش ڪرڻ جي اجازت ناهي، جيڪڏهن سڪيورٽي ڪمپنين جا گارڊز هٿيارن جي نمائش ڪندي نظر آيا ته انهن خلاف به ڪارروائي ڪئي ويندي. هن چيو ته خانگي گاڏين تي سنڌ حڪومت ۽ حڪومت پاڪستان جي جعلي نمبر پليٽس استعمال ڪيون وينديون آهن، انهن خلاف پڻ سخت ڪارروائي ڪئي ويندي، ڪنهن کي رعايت نه ڏني ويندي. صوبائي وزير چيو ان رجسٽرڊ ٿيل گاڏين خلاف پڻ ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ شوروم مالڪن کي اجازت نه هوندي ته اهي اڻ رجسٽرڊ گاڏيون وڪرو ڪن. ڪا به گاڏي شو روم مان نه نڪرندي، جيستائين اها رجسٽر نه ٿي ٿئي. هن چيو اوپن ليٽر تي هلندڙ گاڏين کي به ضبط ڪيو ويندو جڏهن ته گاڏين تي هوٽر ۽ ٽنٽيڊ گلاس لڳائڻ جي به اجازت نه هوندي. هن چيو ته مخالف ڌر جي بينچز پاران به حڪومت جي ان قدم کي ساراهيو پيو وڃي، جيڪا هڪ خوشي جي ڳالهه آهي. هن چيو ته پوري اسيمبلي مان ان معاملي تي هي پيغام وڃي، سمورا چونڊيل نمائندا ان معاملي تي گڏيل آواز ٿين. هن چيو ته اسان سڀ ان قسم جي اهم اشوز تي هڪ ٿياسين ته عوام جا اهم مسئلا حل ۽ دهشتگردي جهڙي لعنت کي ختم ڪري سگهون ٿا.

بقايا — سنڌيار — 01

خاصخيلي ۽ ٻين جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي كجه ٽائيم اڳ ۾ منهنجي ذاتي زمين تي مخالف ڌر وارن قبضو كيو ۽ اسان جي مٿان حملو كري زخمي كيو هو جنهن جو سيلارجا ٿاڻي تي كيس داخل كرايو جنهن جا سيلارجا پوليس جوابدار گرفتار نه ٿي كري جيكي كيس ۾ روپوش آهن جن ٻيهر اڄ منهنجي مٿان حملو كيو آهي اهڙو اطلاع پوليس كي ڏنو پر پوليس جوابدارن كان ڳري رشوت وٺي انهن كي گرفتار نه ٿي كري هن ايس ايس پي خيرپور كان گهر كئي جوابدارن كي گرفتار كيو وڃي

بقايا — سنڌيار — 02

آهي پاڙي جي رهواسين جو چوڻ آهي ته فوتي سليمان ملاح جي 23 سالن جي زال نور فاطمه ۽ 8 ورهين جي پاليل نياڻي آصمه به رات كان غائب آهن جنهن بابت انديشو ظاهر كيو پيو وڃي ته كين اغوا كيو ويو آهي واقعي جو اطلاع ملڻ كان پوءِ بدين پوليس سرزمين تي پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي انڊس اسپتال بدين پهچايو جتي پوسٽ مارٽم كرڻ كان پوءِ لاش وارثن جي حوالي كيو ويو بدين پوليس جو چوڻ آهي ته فوتي سليمان كي اگاري جي رات دير سان گلو كپي قتل كيو ويو آهي قتل جو كارڻ اڃان تائين معلوم نه ٿي سگهيو آهي ان سلسلي ۾ گهڻن رخن كان جانچ كئي پئي وڃي جڏهن ته واقعي جو كيس داخل نه ٿي سگهيو آهي هوڏانهن فوتي سليمان ملاح كي سوين آلين اكين سان مقامي قبرستان ۾ مٽي ماءُ جي حوالي كيو ويو

بقايا — سنڌيار — 03

جي سنڌ هاءِكورٽ سكر بئنچ جي جسٽس صلاح الدين پنهور ۽ جسٽس عبدالمبين لاكو تي ٻڌل ٻه ركني بئنچ ٻڌڻي كئي ٻڌڻي دوران ليبر كاتي سكر جا آفيسر ۽ سركاري وكيل درخواستگزار لالا اسد پٺاڻ ۽ سندس وكيل شبير شر ۽ ٻيا پيش ٿيا كيس جي ٻڌڻي كندي جسٽس صلاح الدين پهنور ليبر آفيسر كان پڇائو كيو ته 2022 جي عدالتي حكم باوجود ليبر ڊپارٽمينٽ رپورٽ جمع چو ناهي كرائي وٺي عدالت جي آفيسر مٿان ناراضگي جو اظهار ليبر ڊپارٽمينٽ جو سيكريٽري پيش چو ناهي ٿيو رپورٽ جمع نه كرائڻ تي چيئرمين وركر ويلفيئر بورڊ جي چيئرمين كي چو نه گهرايو وڃي سركاري وكيل جي استدعا تي عدالت چيئرمين وركرز ويلفيئر بورڊ كي عدالت ۾ نه پيش ٿيڻ واري سركاري وكيل جي استدعا منظور كئي جڏهن ته پٽيشنر جي وكيل شبير شر عدالت كي ٻڌايو ته اربين روپيا خرچ كري سركاري زمينن تي سنڌ اندر 6 هزار فليٽس ٺاهيا ويا آهن حقدارن كي ته پيا ڏنا وڃن ٻاٿرن جا انهن تي قبضا ٿيل آهن. عدالت ليبر آفيسر كان پڇائو كيو ته وركرز ويلفيئر ۾ كيترا ملازم آهن انهن رجسٽرڊ ملازمن كي صحت ۽ انهن جي اولاد كي تعليم جي سهولتون ملن ٿيون يا نه جنهن بعد عدالت ليبر ويلفيئر ڊپارٽمينٽ جي صوبائي سيكريٽري كي فليٽن ۽ ملازمن بابت رپورٽ پهرين مارچ تي پيش كرڻ جو حكم ڏيندي ٻڌڻي پهرين مارچ تائين ملتوي كري ڇڏي عدالتي كمري ۾ سكر پريس كلب ايس يوجي كورٽ رپورٽرز ايسوسي ايشن سكر جا عهديدار شهزاد ٽاباڻي امداد بوزدار سليم سهتو مورڙو مهرقذافي شاهعلي ڏنو شاهشكيل عاجزبخش علي قلپوٽو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا — سنڌيار — 04

مڇر پوڻ كري اسان روڊ تي موٽر سائيكل بيهاري ته پٺيان ايندڙ تيز رفتار موٽر سائيكل اچي اسان كي لڳي جنهن ۾ اسان جو واجد ٿڏي تي فوت ٿي ويو ۽ اسان زخمي ٿي پياسين.

بقايا — سنڌيار — 05

هرگز برداشت نه كيو ويندو هن مطالبو كيو ته وكيل تي تشدد ۾ ملوث اهلكارن كي گرفتار كري مٿن كيس داخل كيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌائڻ سان گڏوگڏ عدالت ۾ سڌو كيس داخل كيو ويندو

بقايا — سنڌيار — 06

